
مري شال ملهائيان
آزاد بخاري

# مري شال مَلهائِيان!

## (مزاحمتي شاعري)

## آزاد بخاري

اين. اي جان فائونڊيشن، حيدرآباد

2013ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

كتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | مري شالَ مَلهائِيان! |
| موضوع: | شاعري |
| شاعر: | آزاد بخاري |
| ٽائيٽل ۽ اسڪيچ: | محمد هارون چنو |
| ڪمپوزنگ: | امبرين خاصخيلي ۽ راز محمد لغاري |
| ڇپائيندڙ: | راجا ادريس لغاري<br>سيڪريٽري،<br>اين. اي جان فائونڊيشن، حيدرآباد<br>رابطو: 0346_3799739، 0344_3092229 |
| ڇاپو: | پهريون، جولاءِ 2013ع |
| قيمت: | 200 روپيا |
| ڊجيٽل ايڊيشن: | 2020ع<br>سنڌ سلامت ڪتاب گهر<br>books.sindhsalamat.com |

هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ (سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام) ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو

جَنِ ڪَرايَنِ ڪَڇَ جا، وَرُساهيڙيُون سي!
اُتِ اُڪنڊِي آهِيان، مَنهَ مارُوءَ جي،
پَڪنِ سينِ نہَ پاڙِيان، هَنڌَ هِتي جا هي،
اِهلَ اَباڻنِ ڪي، مَرِي شالَ مَلهائِيان!

(شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ)

# ارپيان ٿو

- بشير خان قُريشي
- سرائي قربان کهاوڙ
- سميع الله ڪلهوڙي
- قيوم منگي
- مظفر ڀُٽي
- روپلو چوولياڻي
- نورالله تنيي
- عامر کهاوڙ
- سجاد مرڪنڊ

سميت سنڌ جي سمورن
اڙٻنگ ۽ جوڌن پُٽن کي،
جن سنڌ امڙ لئه جامِ شهادت پي،
ساهه ڏئي ويساهه ڏنو!

آزاد بخاري

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب "**مري شال ملهائيان**" پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب نامياري شاعر ۽ ليکڪ آزادي بخاريءَ جي قومي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

آزاد بخاريءَ جو هيءُ ڪتاب 'مري شال ملهائيان!' قومي شاعريءَ جو مجموعو آهي، جنهن ۾ پڙهندڙن کي نہ صرف سنڌ سان ٿيندڙ ويڌن جي خبر پوندي، پر اُن ويڌن جي خاتمي لاءِ صلاحون پڻ موجود آهن. اُن ڪري مون کي اُميد آهي تہ هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ مزاحمتي شاعريءَ جي حوالي سان هڪ بهترين اضافو آهي.

هي ڪتاب 2013ع ۾ **اين. اي جان فائونڊيشن، حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون آزاد بخاري صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.



**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# پبلشر پاران

’مزاحمت‘ سنڌي ادب جي هڪ خاص خصوصيت رهي آهي. اسان جي تقريبن سڀني ڏات ڌڻين ’مزاحمتي ادب‘ کي هٿي وٺرائي آهي؛ اُن ۾ مزاحمتي شاعرن جي تہ هڪ وڏي فهرست آهي. اُن فهرست جي آخري صفحن تي آزاد بُخاريءَ جو نالو بہ شامل آهي، جيڪو پنهنجي جوڀن کان اُن فهرست ۾ شامل آهي.

آزاد بُخاري عروض جي پابندين کان آجو شاعر آهي، ۽ آئون سمجهان ٿو تہ اِها بہ چڱي ڳالهہ آهي، لازمي ناهي تہ شاعر ’عروض‘ جي گهاڙيٽن جو علم حاصل ڪري رُڳو ’لفظن‘ ۽ ’گهاڙيٽن‘ جو شاعر ٿئي. پر بنا عروض جي بہ شاعرپنهنجا جذبا ٻين تائين سٺي نموني پهچائي سگهجي ٿو ۽ آزاد بہ پنهنجا جذبا عروض جي قائدن کان هٽي ڪري اسان تائين پهچايا آهن، ۽ پنهنجو آواز سُٺي نموني پهچايو آهي.

هن ڪتاب کان اڳ اسان فائونڊيشن پاران آزاد بخاريءَ جا ٻارڙن لاءِ ڪيل شاعريءَ تي مشتمل بہ ڪتاب شايع ڪري چُڪا آهيون. جنهن مان هڪ ڪتاب کي سنڌي ادبي سنگت سنڌ ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران بهترين ڪتاب جو اوارڊ پڻ ڏنو ويو آهي.

آزاد بخاريءَ جو هيءُ ڪتاب ’مري شال ملهائيان!‘ قومي شاعريءَ جو مجموعو آهي، جنهن ۾ پڙهندڙن کي نہ صرف سنڌ سان ٿيندڙ ويڌن جي خبر پوندي، پر اُن ويڌن جي خاتمي لاءِ صلاحون پڻ موجود آهن. اُن ڪري مون کي اُميد آهي تہ هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ مزاحمتي شاعريءَ جي حوالي سان هڪ بهترين اضافو آهي.

20 جولاءِ 2013ع

**احسان علي لغاري**
چيئرمين (اعزازي)
اين. اي جان فائونڊيشن، حيدرآباد

# فهرست


- ناحق ڪُنلن جو ڪيڏارو................ 09
  ڊاڪٽر خادم منگي
- آزاد بخاري جي شاعريءَ ۾ محبوب سنڌ نظر آئي
  ناياب سرڪش سنڌي 16
- ڌرتيءَ لاءِ لوچيندڙ شاعر آزاد بخاري.... علي نواز آريسر 19
- ٻه لفظ شاعر جا....................................... آزاد بخاري 23
- غزل 25
- وايون 60
- گيت 81
- نظم 102
- آزاد نظم 168
- نثري نظم 182

مهاڳ

# ناحق ڪٽلن جو ڪيڏارو

شاعر بنيادي طور امن جو پرچارڪ ٿيندو آهي. هو چاهيندو آهي تہ دنيا جنت جو ڏيک ڏي. فطرتي سونهن شاعر جي ڪمزوري هوندي آهي، ڌرتي سان محبت شاعر جي ايمان جو جُز هوندي آهي. گهاٽي ڇانو ڏيندڙ ۽ ميويدار وڻ، گل ٻوٽا، گاهہ ٻوٽا، پؤنرا، پنيوريون، پکي، جانور، جيت، جبل، آبشار، نديون، سمنڊ، جهُڙ، مينهن، چنڊ، ستارا، مطلب تہ واريءَ جي ذري کان وٺي سج تائين هرڪا شيءِ سندس موضوعِ سخن رهي آهي. شاعر اُنهن سمورن فطرتي شين جي بقا لاءِ جدوجهد ڪندو رهندو آهي. شاعر کي پهريون سبق محبوب جي اکين کان ضرور مليو ٿو پر پوءِ هر ايندڙ سبق هو فطرت جي گوناگون نظارن ۽ سماج مان حاصل ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح هڪ انسان کان شروع ڪيل محبت ڪيس پوري ڪائنات جي محبت ۾ گرفتار ڪري ڇڏي ٿي.

شاعر جي اهڙي محبوب ڪائنات جي ڪنهن بہ ذري تي ڪو بہ حملي آور ٿئي ٿو تہ شاعر پنهنجي سموري توانائيءَ سان هڪ دانهن ڪري ٿو اها ئي دانهن هڪ مزاحمت بڻجي پوي ٿي. شاعر جنگ جي خلاف جنگ (War Against War) ۾ شامل ٿئي وڃي ٿو ۽ ان جي پهرين صف جو سپاهي بڻجي وڃي ٿو. لطيف سرڪار جي هنن سٽن مطابق تہ:

سورهيا! مرين سوپ کي، تہ دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال م ڍار،
مٿان تيغ ترار، مارِ تہ متارو ٿئين.

اُنهن شيطاني قوتن سان، انسان جي ويڙهہ جو داستان بہ ايترو ئي پراڻو آهي، جيتري خود انسان جي تاريخ، پر شاعري ذريعي ويڙهہ ۽ هٿيارن ذريعي ويڙهہ ۾ فرق آهي.

مون ڏات انوکي آندي آ، ٿي تند وڙهي تلوارن سان،

ٽڪرايان پنهنجا گيت جڏهن، ٿو آءُ سنڌءِ ديوارن سان،
ٿا تنهنجا ڀاري برج لڏن، تون هيٺو آن هٿيارن سان.

مزاحمتي شاعري ۽ نعري بازي ۾ وار ڪان سنهي ۽ تلوار ڪان تِکي وٿي آهي. ان جو فرق ڪي ٿورا شاعر سمجهي سگهيا آهن. مزاحمتي شاعري جي عمر صديون ٿيندي آهي ۽ نلهي نعري بازي جي عمر جر تي ڦوٽي جيتري، سڄاڻ ۽ تخليقارن شاعرن تي اهو فرض آهي تہ اهڙي شاعري سرجڻ ڪان پهريان اُن فرق کي سمجهن ۽ پوءِ ئي قلم کڻن.

اڪثر نبي سڳورا ۽ اولياءِ ڪرام پنهنجن پنهنجن دورن جا انقلابي ۽ سماج سڌارڪ هوندا آهن. مخالف انهن کي باغي، جادوگر ۽ چريي جي لقبن سان نوازيندا آهن، پر هو پنهنجي ڳالهہ تان تِر برابر بہ نہ هٽندا آهن. ابراهيم؏ نمرود جو دشمن هيو، موسيٰ؏ فرعون جو باغي هيو، محمد ﷺ ابو جهل جي ٽولي جو مخالف هيو، حسين ابن علي؏ يزيد جي بعيت نہ ڪئي؛ داراشڪوهہ اورنگزيب جو باغي هيو ۽ ايئن ئي سنڌ بہ شاهہ عنايت شهيد کان وٺي ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ تائين ڪيترائي ماڻڪ موتي پيدا ڪيا آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي دؤر جا باغي آهن. شيخ اياز: ”او باغي! او راج دروهي“ جهڙو نظم لکي اهڙن املهہ هيرن جي واکاڻ ڪئي آهي. هنن باغين جو سِر ترريءَ تي هوندو آهي، ڪين اها چاڻ هوندي آهي تہ موت اسانکي اَمر ڪري ڇڏيندو. هنن جو اهو نعرو آهي تہ:

”مرڻ مون سين آءُ، تہ پنيءَ تو پنڌ ڪيان“

—

جي تون وڙهندين ماريو ويندين،
هن وستيءَ تان واريو ويندين،
دودا! تنهنجو ساهہ تہ ويندو،
ماڻهوءَ جو ويساهہ نہ ويندو.

فارسي شعر جي هڪڙي سٽ آهي تہ:

ڪس ڪہ ڪشتہ نہ شد، از قبيلہ ما نيست

جنهنجو پڙاڏو شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ به گونجيو ته:

جيڪو ڪونه ڪنو سو نه اسان جي ڪڙم مان

آزاد بُخاريءَ جي شاعري اهڙن سمورن ناحق ڪنلن جو ڪيڏارو آهي. مزاحمتي شاعري لکڻ مهل توهانکي حق جو طرفدار ٿيڻو پوي ٿو ۽ ظلم جي خلاف آواز اٿارڻو پوي ٿو. ظلم وقتي طور لڳندو آهي ته ڏاڍو سگهارو آهي، پر اندران کوکلو هوندو آهي. ظلم جا ڪوٽ، ڪڙا، بُرج ۽ ڪُنگرا سڀ دوکي جي ديوار هوندا آهن. صرف شعوري سگهه کي يڪجا ڪري، ان تي هڪڙي ئي ڪاري ضرب هڻي ڪيس ڪيرائڻو هوندو آهي. آزاد بخاري صدين جي ان تاريخ جو پانڪ هجڻ سان گڏوگڏ هڪ روشن دماغ لکاري به آهي. هو جڏهن چوي ٿو:

هي ملڪ ڏائر ڪنهن نيپِئر جو ته ناهي

ته هو پڙهندڙن سان ڪا اهڙي مام سلي رهيو آهي، جيڪا صدين جي تاريخ جو نچوڙ آهي. ڀٽائيءَ جي سٽ اڄ به رهنمائي ٿي ڪري ته:

”ڏاريا ئي ڏاريا، مٺ مئي جا نه ٿيا،
مدي ڏيرن من ۾، آءُ ڪِليو ڪيڪاريان،
صبح جي ساريان، ته اٺ نه اوطاقن ۾.“

ڏائر ۽ نيپِئر سامراجي ڪردار آهن ۽ هر دور ۾ اُنهن جي مخالفت ڪرڻ حق ۽ سچ جي شاعر جي ايمان جو جزو آهي.
آزاد بخاري جي راءِ آهي ته:

رت وهائي ٿو پيو امن جي نانوَ تي،
عالم امن کي جو برباد ٿو ڪري.

سامراج خوش نه ٿي جنگ ناهي تو جيتي،
هڪ ديوانو سامراج مرده باد ٿو ڪري.

تنهنجي جهنڊي کي پورهيت سرخ آ سلام،

آءٌ ڇا، مزدور هرڪو زنده باد ٿو ڪري.

آزاد بخاري ”سامراج دشمن ۽ مزدور دوست“ جدوجهد جو حامي آهي ۽ اهو ديوانو جيڪو ”سامراج مرده باد“ جا نعرا ٿو هڻي اهو سندس هيرو آهي، ڪهڙي خبر متان اهو ديوانو هو پاڻ هجي؟

روسي نظم جو ترجمو آهي تہ: ”هو اسانکي مڇيءَ وانگر ڄار ۾ ڦاسائين ٿا، پوءِ ترين ٿا، پچائين ٿا ۽ دسترخوان تي سجائن ٿا ۽ پوءِ کائن ٿا، پر اسان هڪ ڏينهن مڇي جي ڪنڊي وانگر سندن نڙيءَ ۾ ڦاسي پونداسين.“

”سامراج مرده باد“ جو نعرو هڪڙو اهڙو ڪنڊو آهي، جيڪو هميشہ سامراج جي نڙيءَ ۾ چُڀندو رهندو آهي. ”پرائي مال تي، ٽوپي نراڙ تي“ رکندڙ هي منهن ڪارو اڪيلو ناهي، پر انهن جا ڪٽڪ آهن. هو هر علائقي ۾ پنهنجا جوڙيوال پيدا ڪري ٿو، جيڪي پنهنجن، نادار مظلوم ۽ بي پهچ ۽ ابوجهہ ماڻهن تي ظلم جا پهاڙ ڪيرائين ٿا. اهڙا غدار ماڻهن جي منديءَ ۾ ’ٽڪي ۾ ٽيهہ‘ وڪامندا آهن. اهڙي هڪ ڪوڙهہ ورتل ڪردار کي ملڪ نديم خوب وائکو ڪيو آهي:

”وڏيرو ڪاموري اڳيان گهاٽي جو ڏاند،
مسڪين جي پويان چِتو ڪتو،
وڏيرو ڏارين جي آڏو اورنگزيب جو غلام،
پنهنجن پويان جلاد، تارا مسيح،
وڏيرو صوبيدار اڳيان ٽيبل فين،
هاري پويان بنا بريڪ جيپ.“

مان تہ گهٽ ۾ گهٽ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ ملڪ جي عوام جي ترقيءَ ۾ هي ڪردار هڪ وڏي رڪاوٽ آهي، پنهنجي پٽ کي تہ آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج مان پڙهائڻ جي خواهش رکي ٿو پر ڳوٺ واري اسڪول ۾ مينهن جو واڙو کولي ڇڏيو اٿائين ۽ ماستر کي منشي گيريءَ تي لڳايو اٿائين. هن ڪينسر جو هڪ ئي علاج آهي(Amputation) ڇو تہ هي ڪوئلو اجرو نہ ٿيندو پلي سئو مڻ صابڻ ڪپايو پنهنجي ڳوٺ کان وني، ايوانن

تائين سندس ڪردار ساڳيو ئي آهي. وطن فروشي ۾ اُن جي موت ۾ پنهنجو حصو پتي ونڻ:

آزاد اهڙن ڀاڙي ڀوتارن کان ڪونہ ٿو ڊڄي:

ڊڄان ڇا لئہ مان آزاد، ڪنهن ڀوتار ڀاڙيءَ کان،
اجان ڦاهي نهي ناهي، ڪائي منهنجي تہ گردن جي.

ڏسي پوکن ۾ ناريون هٽي الزام ٿو بڇڙا!
خبر آ تنهنجي بنگلن جي، پرڪارن ۾ پردن جي.

ايڏي وڏي حق ۽ سچ جي ڳالهہ ڪرڻ وارو ”آزاد بخاري“ مونکي قلم جي حرمت جو پاسدار لڳي ٿو ڇو تہ سندس پيٽ ۾ حلال روزيءَ جو گره پيل آهي ھو اُن تنبيهہ تي ڪاربند آهي تہ:

ڪائين متان ڪچٽي حاڪماڻي هنڏان،
رڏي هوندئون رت ۾ماري مسڪينان.

اُن ڪري آزاد بخاري بہ ان ڳالهہ جو قائل آهي تہ:

سدائين دار ۽ دلبر ڏي وڃون ٿا چڪجي پاڻ،
انڪري ڪنهن حاڪم جي حضور ۾ رهون ئي ڪونہ.

لڳ ڀڳ ساڳئي ئي ڳالهہ ٿيل آهي، جيڪا فيض احمد فيض ڪئي هئي تہ:

”مقام فيض ڪوئي راه مين جچا هي نهين
جو ڪوءِ يار سي نڪلي سو سوءِ دار چلي.“

۽ سچي ڳالهہ بہ اها آهي تہ انهن ٻن جڳهن کان مٿي ڪا ٽين جڳهہ آهي بہ ڪونہ. آزاد بخاري پنهنجي شاعريءَ ۾ اڄ جي هڪ وڏي مسئلي ڏانهن اسان جو ڌيان هيئن ٿو ڇڪائي تہ:

”خوف خدا جو ڪٿي ڪين آهي رهيو
گهر خدا جي ۾ بندو بم ڦاڙي پيو.“

دهشتگردي، جنهن دنيا وارن جو جيئڻ جنجال ڪيو آهي، آخر ڇا سبب آهي جو مسجدون ۾ امام بارگاهون بہ بچيل ناهن رهيون. اسلام معنيٰ سلامتي، مسلمان جو پهريون جملو السلام عليڪم معنيٰ توهان تي سلامتي هجي، پوءِ هي مارا ماري ڇاجي؟ قرآن ۾ تہ ”ولاتفرقو“ جو لفظ آهي. پوءِ هي فرقي بازي ڇاجي ؟ دنيا جا سمورا مذهب انسان جي ڀلائيءَ لاءِ آيا آهن ۽ پوءِ مذهب جي آڙ ۾ انسان جو قتلام ڇو؟ اڄ جي مورخ کي انهن سوالن جا جواب ڏيڻا پوندا.

تاريخ جي ورقن کي جڏهن کوليندا سين تہ واضع ٿيل آهي تہ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ قومي سورمو ڄام نظام الدين سمو ٿي گذريو آهي، جيڪو روزانو فجر جي نماز پڙهي گهوڙن جي طنبيلي ۾ ويندو هيو ۽ سنڌن پٺيءَ تي پيار مان هٿڙا گهمائي چوندو هو تہ: ”پيارا الله اهو ڏينهن نہ آڻي، جو مان ڪنهن تي ظلم ڪرڻ لاءِ اوهان تي سواري ڪريان.“

ٻئي طرف وري ڪلمي گو ارغون، ڪابل ۽ قنڌار کان ياڄ ڪائي سنڌ جي هن جنت کي دوزخ بڻايو ۽ سنڌي ماڻهن کي ان دوزخ جو ٻارڻ بڻايو. نسلي طور چنگيز ۽ هلاڪوءَ جا پونير هت اچي مذهب جو چوغو پائي، مخدوم بلاول جهڙي درويش کي دوکي سان ڦاسائي گهاڻي ۾ پيڙهائي ڇڏيو. اي آسمان تو اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو پئي، ڪري نہ پئين؟ زمين تون ڦاٽي نہ پئين ايڏي ظلم جو پهاڙ تو ڪيئن برداشت ڪيو؟

ٿورو اڳتي هلون تہ وري ٻيا ڪلمي گو مسلمان. مغل هڪ ٻئي اهل الله لوڪ شاه عنايت شهيد کي بي دردي‌ءَ سان ڪهي سر مبارڪ نيزي تي چاڙهي دهليءَ جي دربار تائين ڪٽي ويا. هن فقير جو ڏوهہ اهو هيو جو هن هڪ نعرو هنيو هو تہ: ”زمين الله جي آهي، جيڪو کيڙي سو کائي“ تاريخ ۾ اُن قتل جي ايف آءِ آر پير عبدالواسع، حمل جت، نور محمد پليجو يار محمد ڪلهوڙو، گورنر اعظم خان، مير شهداد خان ٽالپر، مغل شهزادي فرخ سير ۽ ٻين تي ڪٽيل آهي، ڏسون تہ وقت جو قاضي اسان سنڌ واسين سان ڪڏهن ٿو انصاف ڪري؟

سنڌ واسي جن جو مزاج مذهبي رواداريءَ وارو آهي. هو اڍائن گهرن جو خير گهرڻ وارا، خميس جي ڏينهن کير مفت ۾ ورهائڻ وارا، پيران پير جي

يارهينءَ تي معصوم ٻارڙن کي کيرٽي رڏي ڪارائڻ وارا، عرس ملهائڻ وارا، عاشورن تي سبيلون هلائڻ وارا ۽ کهر رڏي ڪارائڻ وارا، عيد براد، هولي، ڏياري تي مبارڪون ڏيڻ وارا، شاهه، سچل، سامي، روحل، دلپت ۽ بيدل جي ڪلام کي اکين تي رکڻ وارا، قلندر جي ڌمال تي مست ٿي نچڻ وارا، اڄ سک، سلامتي ۽ امن جا طالب آهن. جنگ هنن جي مزاج ۾ ئي ناهي، هنن جي طبيعت هنج پکيءَ وانگر آهي، ڪنگ يا باز پکيءَ جهڙي ناهي، جيڪي پرائي ماس تي پلجن ٿا.

27 فبروري 2013ع

ڊاڪٽر خادم منگي
سکر
0346-3670774

# آزاد بخاري جي شاعريءَ ۾ محبوب سنڌ نظر آئي!

ڪجھ مهينا اڳ آزاد بخاري فون ڪري چيو تہ: ”ادي! آئون اوهان ڏانهن پنهنجي شاعري پيو موڪليان، سو اوهان پڙهي ان تي ڪجھ لکي ڏيو چو تہ اها منهنجي خواهش آهي!“ آزاد بخاري جو مونسان فون تي رابطو ٿيو هيو، باقي ساڻس سامهون ڪا بہ ملاقات نہ هئي، نہ وري آهي. مون کيس هاڪار ڪئي، پر وقت جي چيڙاڪ مصروفيت سبب لکڻ ۾ مونکان دير ٿي وئي ! تنهن لاءِ آزاد کان معافي!

”مري شال ملهائيان“ جي عنوان سان شاعريءَ جي هن ڪتاب ۾ غزل، گيت، وايون، نظم، آزاد نظم ۽ نثري نظم ڏنل آهن، جن مان ڪجھ سمجھ ۾ آيا تہ ڪجھ نہ سمجهي سگهيس!

بهرحال آزاد بخاري جي شاعريءَ ۾ ڌرتي سان عشق ۽ ڌاريءَ کان نفرت جو اظهار آهن، جيئن:

اڄ باھ بلوچستان ۾ پنيت تي آ پڙڪي ڙي،
تخت لاهور ۾ ڌار پيا هيءَ قوم ڪٺان آ ڪڙڪي ڙي.

آزاد بخاري ڌاري قوم کي ايئن ڪڙڪندي ظاهر ڪيو آهي، جيئن جهولي جي مُند ۾ ڏينيو گهرن ۾ ڪاهي پوندا آهن ۽ پوءِ ٽولن جي صورت ۾ جهولي کان بچڻ لاءِ گهرن ۾ پناھ ڳوليندڙ ڏينيو گهر مالڪن کي ڏنگيندا آهن!

آزاد بخاري پنهنجي غزل ۾ هيئن بہ لکي ٿو ۽ جيڪو ڪجھ اندر سان ٺهڪندڙ آهي!

بيدار ٿي انسان، حيوان اڇي ويا،
مذهب جو پائي پوش، بي ايمان اڇي ويا.

ناحق ٿا وهائي رت، خوشيون ملهائين،
ماڻهن ۾ آ چوٻول، ترخان اڇي ويا.
مسجد نہ مندر ڪوئي آزاد هتي آ،

رحمان ۾ پڳوان گهر، شيطان اچي ويا.

آزاد جي لفظن ۾ ڪيتري نه سچائي آهي ۽ اهڙن بدڪردارن جي منهن تي هڪ زبردست چماٽ آهي! آزاد بخاري جون وايون به ڪمال ٽيون رکن، جن ۾ پُٽ کي پارت ڪري ٿو ڏرتيءَ لاءِ آواز اٿارڻ جي!

قلف ڪڙا ڪول پُٽَ،
ڌرتيءَ جا ڍول پُٽَ،
چپ- چپ چو آهين،
رڙ ڪر ڪا، ٻول پُٽَ،
ڌرتيءَ جا ڍول پُٽَ....

سچ پچ ته آزاد بخاري جي شاعري اندر جي احساسن کي ڇهڻ واري آهي. توهان پڙهو ته سهي !

ڪيڏا آهن رنگ ٻنين ۾،
ساوا هيڊا سنگ ٻنين ۾،
جهارِ تي هڪلي هارياڻي ڏِسُ،
ڪيئن وڄن ٿا چنگ ٻنين ۾،
ڪيڏا آهن رنگ ٻنين ۾...

آزاد بخاري جا جڏهن نثري نظم پڙهيم ته ڪٿي- ڪٿي آئون روئي ويٺس ۽ منهنجي اکين آڏو منهنجو محبوبُ- محبوبِ سنڌ بشير خان قريشي اچي ويو!

جيڪڏهن مان دوستو
شهيد ٿي وڃان
ديس جي ويڙهاند ۾،
مونکي يڪدم نه پورجو
منهنجي لاش کي ڏسي
مٿان ڪو جوش ۾

اچي وجي!
۽..........!
متان ڪو اٿي پوي
متان ڪو لڙي پوي
۽ قوم پئي سجاڳ ٿي
آزاد ٿي
آزاد ٿي!

آزاد بخاري هڪ بهترين ليکڪ آهي ۽ سندس احساس، هر پڙهندڙ جا احساس آهن! هونئن به ليکڪ اهوئي آهي، جيڪو ڪجهه لکي ته سندس لکڻين ۾ ايتري ته مضبوطي هجي، جو سندس شاعري جڏهن به پڙهي ۽ ٻڌي وڃي ته اها حالتن پٽاندڙ هجي! آئون آزاد بخاري کي ايئن چوڻ جي هجت به ضرور رکان ٿي ته اُهي اجان وڌيڪ محنت ڪن!آئون اوهان کي ٻڌايان ته، مون جڏهن به لکيو ۽ جيڪو به لکيو سو پنهنجي "ابي" سائين سرڪش سنڌي آڏو ضرور رکندي هيس! پوءِ اهو نثر هجي يا شاعري! هڪ ڀيري هڪ قومي گيت سندس آڏو رکيم، پڙهي چيائون: "ابا! هڪ ڀيري آئون استاد بخاري وٽ وينو هئس ۽ استاد بخاري جي شاعري پئي هئي، جنهن ۾ تمام گهڻي ڏاهه ـ ڏوهه ٿيل هئي! جنهن تي استاد بخاري مونکي چيو ته، 'سرڪش! آئون لکندي ايتري ولوڙ ڪندو آهيان جو هڪ مان ڀيو شعر لکجي ويندو آهي!' سو ابا تون به ائين ڪندي ڪر!" ابي جا اهي لفظ منهنجي اندر ۾ هڪ مضبوط گهر ٺاهي ويهي رهيا! ڀلا ويهن به ڇو نه ها! آئون ته ڪجهه به نه هيس، ابي ته وري سائين استاد بخاري جو مثال ڏنو هيو!

گهٽ وڏايون ته هن سنسار جي تخليقڪار وٽ به ئي آهن، انسان ته ويچارو انسان آهي! آئون آزاد بخاري جي ٿورائتي آهيان، جن مونکي پنهنجي شاعري تي لکڻ جو موقعو ڏنو! شال سدائين سنڌ ۽ سنڌين لاءِ جيئن!

جيئي سنڌ

**ناياب سرڪش سنڌي**

لاڙڪاڻو

# ڌرتيءَ لاءِ لوچيندڙ شاعر آزاد بخاري

دنيا ۾ ادب جي شروعات شاعريءَ کان ٿي آهي، سپ کان پهرين ٽي هزار ورهيه اڳ يونان ۾ شاعري اُسري، اُن بعد لاطيني کان ٿيندي يورپ ۽ ٻين ملڪن ۾ پکڙي، پر ڪن محققن جو خيال آهي ته ان کان اڳي چين علم ادب جو مرڪز هيو. پر جڏهن اسان سنڌي ادب تي نظر وجهون ٿا ته اسان جي لوڪ ادب جا اُهڃاڻ آڳاٽا نظر اچن ٿا. سنڌ جي پيٽ ۾ ٻين ٻولين ۾ شاعريءَ ۾ رومانس تمام پوءِ آيو آهي. يورپ ۾ سترهين صدي عيسويءَ ۾ پهريون ڀيرو Romantic لفظ روسو استعمال ڪيو پر اسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ اسان کي جيڪي لوڪ گيت ملن ٿا، اُنهن ۾ به ڀرپور رُومانس نظر اچي ٿو. اها سنڌ جي مٽيءَ جي ئي ڪماليت آهي، جو سنڌي شاعريءَ ۾ مزاحمت ۾ به رُومانس آهي. اسان جيڪڏهن عرب شاعرن جي شاعريءَ تي نظر وجهنداسين ته اُن شاعريءَ ۾ ڪٿي به فطري رُومانس نه ملندو ۽ نه ئي ڪائي مزاحمت. پر اسان جي سنڌي شاعري جي پهرئين ڪلاسيڪل شاعر قاضي قادن جي شروعاتي ستن بيتن ۾ به رُومانيت سان گڏ مزاحمت نظر اچي ٿي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جي ادب جو بنياد ئي مزاحمت تي رکيل آهي، يا وري ائين چئجي ته غلام ڌرتيءَ جي ماڻهن جي اندر مان نڪرندڙ هر لفظ بغاوت هوندو آهي.

اهڙيءَ طرح اڳتي هلي شاهه لطيف جي شاعريءَ کي ڏسون ٿا ته شاهه سائين کلي بغاوت ڪئي آهي. شاهه سائين جو پورو رسالو نه صرف تصوف جي رنگ ۾ رچيل آهي، پر شاهه سائين جي سموري شاعري انقلاب تي آڌاريل آهي، جيئن پوءِ تيئن اهو سلسلو وڌندي نظر اچي ٿو. سچل سرمست ۽ ساميءَ جي سُلوڪن ۾ به هڪڙي قسم جي مزاحمت آهي. هي اُهي شاعر آهن، جن انسانيت کي مذهبن، فرقن، ذاتين کان الڳ ڪري ٻيهاريو. ان بعد شاعرن جي هڪڙي ٻي کيپ تيار ٿي، جن شاعريءَ کي ڌرتيءَ جي عشق ڏانهن موڙيو اهڙن شاعرن ۾ شيخ اياز، نياز همايوني، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، محمد خان

مجيدي، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، سرڪش سنڌي، استاد بخاريءَ ۽ ٻين جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا. اهڙيءَ طرح مزاحمتي شاعريءَ جو اهو سلسلو اڄ تائين هلندو اچي، پر ڏينهون ڏينهن وڌندو رهي ٿو سنڌ جي شاعرن جنهن فني قابليت سان انقلاب کي رُومانس ۾ آندو آهي، اهڙو مثال شايد دنيا ۾ ملي.

آزاد بخاريءَ جو شمار سنڌي ٻوليءَ جي اهڙن مزاحمتي شاعرن ۾ ڪري سگهجي ٿو. حليم باغيءَ وانگر آزاد بخاريءَ جي شخصيت کي ڏسي ڪوبہ ماڻهو اهو فيصلو نہ ڪري سگهندو تہ اهڙي شاعريءَ جو خالق هي ماڻهو ٿي سگهي ٿو. آزاد بنيادي طور قومي ڪارڪن آهي. هن بہ سنڌ جي ٻين عاشقن وانگر سَن جي سنڌوءَ مان سُرڪ پري آهي. هي پڻ سائين جي. ايم سيد جي School of Thought جو شاگرد آهي. آزاد سنڌ، سنڌي قوم ۽ هن مٽيءَ سان ائين محبت ڪئي آهي، جيئن ڪو پار پنهنجي ماءُ جي ڪوسي ڪُڪ سان ڪندو آهي. هن سڄي سنڌ کي پنهنجي پيرن جي پٽين هيٺ لتاڙيو آهي. هي هر ڳهٽي، هر چوراهي، هر رستي تان ڳگدامن وانگر گذريو آهي. هن اڻڳڻيا مشاهدا ڪيا آهن. هن ڌرتيءَ تي ٿيندڙ انيائن کي پنهنجي سگهاري قلم وسيلي نروار ڪيو آهي. هن پنهنجا سمورا مشاهدا شاعريءَ جي رُوپ ۾ عوام تائين پهچايا آهن. سندس شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ جو درد اوتيل نظر اچي ٿو. سندس شاعري نہ صرف انقلابي آهي، پر ان ۾ رُومانس جي بہ ڀرپور لذت موجود آهي.

سچ تہ مون جڏهن سندس شاعريءَ ۾ جهاتي پاتي تہ دنگ رهجي ويس. جو تہ آزاد ڏسڻ ۾ هڪ معصوم ۽ سادڙو نظر اچي ٿو پر سندس شاعريءَ جي پرواز تمام مٿانهين آهي. واقعي ڪڏهن ڪڏهن ننڍڙا ۽ معصوم ماڻهو ئي انقلاب آڻيندا آهن. جنهن جا اسان وٽ ڪيترائي مثال موجود آهن. آزاد بخاري شاعريءَ جي سيني صنفن غزل، وائي، گيت، نظم ۽ آزاد نظم تي طبع آزمائي ڪئي ۽ هن هر صنف ۾ پاڻ ملهايو آهي. هونئن بہ غزل جي صنف علم عروض تي لکجڻ جي شروعات شڪارپور کان ڪلهوڙن جي دور ۾ ٿي آهي. تنهنڪري اهو چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ سنڌي غزل جنم ئي شڪارپور جي مٽيءَ ۾ ورتو آهي ۽ ان ئي مٽيءَ ۾ بانبڙا پائي وڏو ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح

جڏهن سندس وائي نظر مان گذري ته مون کي آزاد بخاريءَ جي وائي، شيخ اياز سان مقابلو ڪندي نظر آئي:

مري شال ملهائيان، جيجل توسان نيائيان،
سانگين جا سور ختم ٿين، ڏيهه مان ڏاڍ پڄايان،
مري شال ملهائيان.

آزاد بخاري، هن وائيءَ ۾ 'مري شال ملهائڻ' واري جيڪا تشبيهه ڪتب آندي آهي، اهڙي تشبيهه تمام گهٽ شاعرن استعمال ڪئي آهي. شيخ اياز هڪڙي جاءِ تي اهڙي تشبيهه ڪم آندي آهي. آ رت ۾ خوشبوءِ مينديءَ جي. سندس هڪ وائيءَ جو هيءُ بند نج ڳوٺاڻي ماحول جي عڪاسي ڪري ٿو.

جهار ٿي هڪلي هارياڻي ڏس،
ڪيئن وڃن ٿا چنگ ٻنين ۾،
ڪيڏا آهن رنگ ٻنين ۾.

هارياڻيءَ جو جهار هڪلڻ ۽ ٻنيءَ ۾ چنگ جو وڃڻ، هتي سندس خيالن جي پرواز اُوچائيءَ جي بُلندين کي ڇُهندي نظر اچي ٿي ۽ شاعر سچ ته هارياڻيءَ جي دل جي درد کي ڇڪي ٻاهر ڪڍي آيل ٿو ڏسجي. آزاد هڪ انقلابي شاعر آهي، هونئن به انقلاب جو جذبو هوندو ئي ٻاروتڻ ۾ آهي. جنهن ڪري هن ڪيترائي ٻاراڻا گيت ۽ نظم لکيا آهن. سندس انقلابي شاعريءَ ۾ نه صرف ڌرتيءَ جو درد آهي، پر سارين ۽ ڪجيءَ جي خوشبوءِ جو هُڳاءُ به آهي. هن جيڪو به لکيو آهي، جيترو به لکيو آهي، سمورو سنڌ تي لکيو آهي. سنڌ! سندس رڳ رڳ ۾ رچيل نظر اچي ٿي.

آزاد جي شاعري جيتوڻيڪ سادي ۽ سلوڻي آهي، پر سندس خيال، سندس سوچن جي اُڏام وسيع آهي. هن جي ذهن ۾ جيڪي به خواب سِرجن ٿا، اُهي آزاديءَ جي لال ڪنوار سان لانئون لهڻ لاءِ آتا ڏسجن ٿا. هونئن به جيڪو ماڻهو خوبصورت خواب نٿو ڏسي سگهي، اهو ڪڏهن به خوبصورت سماج جي اڏاوت نٿو ڪري سگهي. غزل ۽ نظم ۾ ته ڪيترن ئي شاعرن

مزاحمتي ٻولي استعمال ڪئي آهي، پر گيت ۾ تمام گهٽ شاعرن مزاحمتي واٽ ورتي آهي، پر آزاد بخاري گيت کي اهڙي تہ انقلابي ٻولي ڏني آهي، جو پڙهندڙ جي اندر جا جذبات ڪَر کڻيو جاڳيو پون ۽ اَسي سالن جو جهُور پوڙهو بہ ويڙهاند لئہ تيار ٿيو وڃي. اهڙيءَ طرح وري جڏهن هو ڌرتيءَ لئہ دُعا ٿو گهري تہ سندس اُن دُعا ۾ ڪيڏي نہ آسيس، نياز نوڙت ۽ معصوميت آهي.

رهي صوفين جي هي ڌرتي سلامت،
اچي نہ شال ڪا هن تي قيامت،
دنيا جي ٿيندي هتان ئي امامت،
گجي نہ هن تي ڪو بادل غمن جو،
گگن ۾ اُڏري پنڇي امن جو!

آزاد بخاري سنڌي ٻوليءَ جو انقلابي ۽ رومانوي شاعر آهي. موجوده دور جي شاعرن ۾ حليم باغي ۽ ايوب کوسي کانپوءِ ڪنهن شاعر انقلاب ۾ رومانس آندو آهي تہ اهو آزاد بخاري آهي. آزاد وٽ لفظن جو ذخيرو آهي. لفظ سندس قلم جا محتاج بڻيل ڏسجن ٿا. شاعري سندس هٿ ٻڌي ٻانهي آهي.. سندس ٻولي نج ڳوٺاڻي آهي ۽ سندس شاعريءَ جي وڏي خوبي اها آهي تہ سندس سمورا خيال سنڌ جا آهن. سنڌ جي مارو ماڻهن جي آهُن، دانهنُ، سُڏڪن ۽ پُڪارن جا آهن هن نہ صرف سنڌ جي ڏُکن ڏوجهرن کي پنهنجي شاعريءَ جو محور بڻايو آهي، پر سندس خيال سنڌ جي خوشحالي، شادابيءَ جا ساکي بہ آهن تہ سنڌ ماضيءَ ۾ ڪيتري سُکي هئي. آزاد بخاريءَ جو هي شعري مجموعو ”مري شال ملهائيان“ سنڌي ادب ۾ هڪ بهترين واڌارو آهي ۽ سندس هي شعري مجموعو جڏهن پڙهندڙن جي هٿن ۾ ايندو تہ آئون يقين سان چوان ٿو تہ پرپور مچتا ماڻيندو.

علي نواز آريسر
0346_2242883

حيدرآباد
7 جولاءِ 2013ع

# پہ لفظ شاعر جا...!

مون 1982ع ۾ پهريون آزاد نظم لکيو هيو. جيڪو سنڌيت جي جذبي سان سرشار ٿي سرجيم ۽ اهو استاد غلام علي چني کي ڏيکاريم. جنهن ان جي درستگي ڪئي، جيڪو چڪ ادبي سنگت (چاس) جي ادبي گڏجاڻي ۾ پڙهيو هيم. استاد محمد هارون چني، ڊاڪٽر امان الله منگي، ٻالچند ايسراڻي ۽ ٻين دوستن مونکي داد ڏيندي واه واه ڪئي ۽ لکڻ لاءِ همٿايو هيو. ايئن مان هر هفتيوار ادبي گڏجاڻي ۾ سنڌ جي عشق ۾ لکيل غزل، گيت، نظم ۽ آزاد نظم کڻي ويندو هئس ۽ پنهنجي شاعري جي تصحيح ڪرائيندو رهندو هئس. پوءِ ڏسندي ڏسندي مون پنهنجي شاعري قومي تحريڪ جي جلسن، خاص طور ”جشن لطيف“ ۾ وڃي پنهنجي مخصوص انداز ۾ پڙهي، رهبر سنڌ جي ڏنگن ٻارن کان بہ داد وصول ڪرڻ لڳس. ۽ لکندي لکندي سنڌ جي عشق حقيقي کان پرين جي پار، عشق مجازي ۾ بہ ڪاهي پيس منهنجي اها دلي تمنا هئي تہ منهنجي قومي شاعري شايع ٿئي ۽ منهنجو ڌرتي سان عشق جو چرچو منهنجي شعر جي زباني ماڻهو ٻڌن ۽ پڙهن. اها بہ حقيقت آهي تہ منهنجي شاعري علم عروض جي اصولن تي پوري نہ لهندي هوندي، پر جيئن تہ هر ماءُ کي پنهنجو ڪوجهو ۽ ڪاڙو ٻار ٻين ٻارن کان وڌيڪ سهڻو لڳندو آهي، تيئن هر شاعر کي پنهنجي شاعري ٻين شاعرن جي شاعري کان وڌيڪ سُندر لڳندي آهي. ايئن مون بہ پنهنجي شاعري کي بهتر سمجهي ڪنهن وڏي شاعر(!؟) کان تصحيح ناهي ڪرائي، توڙي جو منهنجي شاعري ۾ (بقول دوستن جي) ڪجهہ جهول آهن. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ شاعري بہ هڪڙي ڏات آهي، جيڪا هر شاعر وٽ هڪجهڙي نٿي ٿي سگهي، اُنڪري هڪ شاعر کي ڪنهن ٻي شاعر سان ڀيٽڻ مان صحيح نٿو سمجهان. جيئن هر گل ۾ پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ ٿئي ٿي، تيئن هر شاعر ۾ پنهنجي هڪ الڳ سُڳنڌ ٿئي ٿي، اها سڳنڌ ڪنهن کي ڀانءِ نٿي اچي تہ اهو سندس حق آهي،

ڇو جو اڄڪلهہ سنڌ ۾ تمام گهڻي شاعري سرجي پئي. ڪيترا شاعر پنهنجي شوق ۽ ذوق لئہ لکن ٿا ۽ جام ڇپجن بہ ٿا، پر منهنجي هيءَ شاعري سنڌ سان، منهنجي عشق جو اظهار آهي، جنهن ۾ مون ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌين جي آزاديءَ جي حق (جيڪو حقيقت ۾ انساني حقن سان ئي جڙيل آهي) جو ذڪر ڪريان، اُن ۾ مان ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهيان اهو تہ پڙهندڙ ئي ٻڌائي سگهن ٿا. مون پنهنجي شاعريءَ ۾ هر قسم جي دهشتگردي جي خلاف بہ لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پوءِ اها رياستي دهشتگردي هجي، نسلي دهشتگردي هجي، مذهبي دهشتگردي هجي يا طبقاتي دهشتگردي هجي، اُن ڪي مون پنهنجي شاعري ۾ بيان ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي شاعري ڪنهن دوست کي نعري بازي لڳي، پر مان سمجهان ٿو تہ نعرا ئي نظرين جا پرتو هوندا آهن ۽ پنهنجو نظريو سنڌ آهي ۽ سنڌ جي آجپي لاءِ نينهن جا نعرا ضرور لڳڻ گهرجن. منهنجي ڪنهن هڪ غزل، گيت، وائي، نظم، آزاد نظم يا نثري نظم جي پڙهڻ سان جيڪڏهن ڪو هڪ جوان بہ سنڌ پرور ٿي وڃي ٿو تہ منهنجو هرگيت امر ٿي ويندو. آخر ۾ مان چند دوستن جو شڪر گذار آهيان، جن هن ڪتاب جي سلسلي ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي، بہ اکر لکيا ۽ سنا مشورا ڏنا، اُنهن ۾ محترم ارڏو اترادي، ڊاڪٽر خادم منگي، علي نواز آريسر، ادي ناياب سرڪش سنڌي. استاد محمد هارون چنو غلام محمد غازي، گوهر سنڌي، حاڪم مهر (چڪ) ، احسان علي لغاري، طارق ابڙو ۽ ذوالفقار حيدر اوٺو قابل ذڪر آهن.

**آزاد بخاري**
چڪ، شڪارپور
فون نمبر 0306-3775990



# غزل

⦿ جيون جي پيڪڙن ۾ زندگي ڦٿڪي پئي،
مندرن مسجدن ۾ بندگي ڦٿڪي پئي.

وقت ڪاٽي پئي شرافت بدمعاش سان،
بزدل ڏسي ماٺهو رندگي ڦٿڪي پئي.

ننڍڙي نينگرِي هن ڪي عيوضي ۾ ملي،
پوڙهين اکين ۾ درندگي ڦٿڪي پئي.

ڪوٺ ۾ ڪاريءَ سان رنگين ڪندو راتڙي،
پوتار من اندر گندگي ڦٿڪي پئي.

هڪ وحشي هٿان ٻارڙي لٽجي وئي،
وحشي ٿيو انسان، شرمندگي ڦٿڪي پئي.

⦿ پاڻ تعصب جي اهو فرياد ٿو ڪري،
بئي ڪي جو تعصب سان ياد ٿو ڪري.

رت وهائي ٿو پيو امن جي نانوَ تي،
عالم امن ڪي جو برباد ٿو ڪري.

ڪير رهندو قيد، بند پڃري منجهه اندر،
ڪوششون اجايون سڀ صياد ٿو ڪري.

سامراج! خوش نہ ٿي جنگ ناهي تو جيتي،
هڪ ديوانو سامراج مرده باد ٿو ڪري.

توکي ناهي خبر ڪا ظلم ۽ جبر جي مگر،
گڏ قوم جو گهٽگهرو مواد ٿو ڪري.

تنهنجي جهنڊي ڪي پورهيت سرخ آهي سلام،
آءُ چا، مزدور هرڪو زنده باد ٿو ڪري.

هُن ڪي ڏاڍي، ملڪ جي آ سالميت عزيز،
هر روز قتل تنهنڪري جلاد ٿو ڪري.

پاڻ جي ترقي ڪئي، پنهنجا پراوا پري،
پر دوست بہ ڳجهہ ڳوهہ ۾ عناد• ٿو ڪري.

عادل ڪي اونو آهي، ماڻهن جي گم ٿيڻ جو،
بي ڏوهہ باندي پوءِ، چو نہ آزاد ٿو ڪري.

---

•عناد: دشمني.

⦿ وطن جي دشمنن آڏو هالار ٿي،
ديس واسين اڳيان جهڪيل ڏار ٿي.

تون پٽائي جو وردان آلاپ آن،
روپلي جي رڙ هوشو جي للڪار ٿي.

وقف ڪر پاڻ کي انسانيت جي لئہ،
خادمِ انسان ٿي، خود مختيار ٿي.

سياڻو ٿي سوچ ڪر ديس لئہ پرين،
قوم پنهنجي جو ياءُ ٿي، آڌار ٿي.

ڪين گهارجان ڪڏهن غلامي اندر،
”آزاد“ ٿي، آزادي جو اظهار ٿي.

⦿ شهر، ڳوٺ شمشان ڇو ٿو بڻائين،
تون انسان آهين، يا شيطان آهين.

هي مسجد هي مندر خدا جو آ گهر،
خدائي مٿان بم ڪيئن پيو وسائين.

پڇي توکان انسانيت ٿي اي ظالم،
غريبن جا ڇا لئہ گهرڙا ٿو ڊاهين.

چوين ٿو تہ مومن، موحد مان آهيان،
پوءِ ماڻهو ويچارا ڇو پيو ڪنبائين.

حقيقت ۾ هڪڙو ئي خدا پنهنجو آهي،
تون دهشت دنيا ۾ ڇو ٿو ڦهلائين.

هجن قومون ”آزاد“ ۽ شاد ساريون،
ڇو جهنم دنيا کي ظالم ٿو بڻائين.

⦿ زبان تي تالا، سماعتون بند،
اڪين ۾ شِهو حاجتون بند.

اچون وڃون ڪيئن، بند رستا،
گهڙي پلڪ سڀ ساعتون بند.

قدم قدم تي آ خاڪي وردي،
ڪچڙ لچڙ ۾ بغاوتون بند.

غمن بمن ۾ آ ڦاٿو جيون،
گهمون ڦرون ڪيئن راحتون بند.

ملڻ جا موقعا مليا گهٽا ها،
ڪيون ڇو جانان عنايتون بند.

هلو زلف کولي تہ ”آزاد“ هلو،
ڪيو نہ ڪنهن جون امانتون بند.

⦿ اڇو تہ آخري پيرو گڏجي وڌهون،
بغاوت جو نئون ڪو گيت گهڙيون.

سدا ظلمتن سان ٽڪي منهن مقابل،
ڏيل ڏاري ڏاگهہ تي چڙهون.

موت مهڻو ناهي ميار پر،
هر هر مرون ۽ چا لئہ ڪڙهون.

زندگي مختصر شينهن واري ڀلي،
ڇو زندگيءَ جي چتا تي سڙون.

هي ملڪ ڊائر ڪنهن نيپئرجو ناهي،
وطن جي تاريخ چٽائي پڙهون.

اظهار جي آزادي لئہ ”آزاد“،
اچ تہ گڏجي نينهن نعرا هڻون.

⦿ واڪا ڪبا وس، مارو ملڪ ملير لئہ،
ڳولي لهبا گس، سنڌڙي جي تقدير لئہ.

جيسين ساھہ سرير ۾ ، آ زنده نَس نَس،
وڙھبو ويرين سان سنڌو جي تعمير لئہ.

ڪانئرجي ڪوٽ جا ڪيربا ڪونگرا،
ظلمتن کي لوڙبو، پرھہ جي تنوير لئہ.

سوچ ۽ سرت سان قوم کي گڏ ڪبو،
پاڻي تي پاڻي ٿيندو، سنڌو جي سِيرَ لئہ.

ٻَلوَ پراٽا ناهن ٿيندا، پنهنجو آ وچن،
ڪيربا ڪنڌ هزار، سميع ۽ نذير لئہ.

⦿ خزان کي آ خبر ڪهڙي، بهارن جي تہ دردن جي،
پڇين ٿو تون اسان کان ڳالهہ خوشحال فردن جي.

اسين عورت جي عظمت جا، رهيا قائل سدا آهيون،
ٻڌايون ماجرا ڪهڙي، تو مت موڙهن مردن جي.

ڏئي دعوت گهرائيندين، تہ ايندا سين اسين تو در،
ملي توسان هليو وڃبو، ضرورت ناهي زردن جي.

ٿي آزاد ڌرتي تي، پيدا ٿيو آهي انسان،
روئي ويهين ڏسين حالت، جي غلام فردن جي.

ڏسي پوکن ۾ ناريون، هٽي الزام بڇڙا ٿو!
خبر آ تنهنجي بنگلن جي، پرڪارن ۽ پردن جي.

ٻڌان ڇا لئہ مان "آزاد"، ڪنهن پوتار پاڙيءَ کان،
اڃان ڦاهي نہي ناهي، ڪائي منهنجي تہ گردن جي.

◉ مون ۾ روح پئجي ويو آ ماسيڪانَ• جو،
دنيا جي هر هڪ مظلوم انسان جو.

مذهب جي نانءَ تي قتل ٿو ڪرين ملان،
نانءُ درندو ڇو، رکايو تو مسلمان جو.

مونکي محشر ۾ گهرجي ساٿ انسان جو،
پوءِ حور، پري يا ڪنهن غلمان جو.

ڪفر سان انسيت ٿي وئي آ منهنجي دل جي،
گهر لرزي اٿيو آهي اڄ پڳوان جو.

منهنجي ڌرتيءَ جي ورهاست ڪرڻ ٿو گهرين،
اهو منصوبو ٿهيل آ ڪنهن شيطان جو.

”آزاد“ عاشقن جي در جو آهي سلامي،
نہ ڪنهن پير، مير يا وري سلطان جو.

---

• ماسيڪان ؛ سنڌ جو پهريون شهيد ، جنهن کي سڪندر يوناني کي تير هڻڻ جي ڏوهہ ۾ ڦاهيءَ چاڙهيو ويو.

⦿ پنهنجي ڌرتي جي مٽيءَ ۾ پيار جو اڄ تہ ٻوٽو پوکيون،
پاڻي ڏئي محبت وارو نفرت کي پاڙ کان کوٽيون.

گيت امن جا جهرجهنگ ڳائي جاڳايون ٽربر کي،
مئل ماڻهن جي دل ۾ آءُ تہ جيئرن جو روح ڦوڪيون.

مايوسيءَ آ واسو ڪيو ڏس منهنجي ديس جي دل ۾،
گرمايون ماحول کي اڄ تہ ويڳاڻپ کي روڪيون.

آهي عدوءَ کي طاقت ڪهڙي منهنجي ديس تي ڪاهي،
آءُ تہ باغي بڻجي پنهنجو ڳاڙهو جهنڊو ڪوڪيون.

ديس مٿان لامارا لاتا، غير ڳجهن هن ڪيڏا،
ماروئڙن جو ماس پٽن ٿيون، آءُ تہ ڪاتيون ٺوڪيون.

آزاد هوا جو قدر پيارا، ”آزاد“ ماڻهو ٿا ڄاڻن،
غلامن جي وستيءَ ۾ اڄ واٽ آزادي ڳوليون.

⦿ افسوس ديس! تنهنجو گهاءُ پري ڪين سگهيس،
حياتي هئي مختصر، ڪجهه ڪري ڪين سگهيس.

سَدائين لبن تي، ذڪر جانان رهيو
وطن جي درد جو ذڪر ڪري ڪين سگهيس.

ڏُهاڳن ۾ ڪنهنجي ماءُ، پيڻ، ڌنم پر،
ظلم ڏسندو رهيس، الزام ڏري ڪين سگهيس.

سجي عمر گذري وئي غلاميءَ ۾ منهنجي،
بغاوت سندو ڪو نعرو گهڙي ڪين سگهيس.

زماني جي اهڙن خفن ۾ اچي ڦاٿس،
جو مايا جي موهه ڪان، ٿي پري ڪين سگهيس.

عَلمُ انقلاب جو مون ڪين هٿ ۾ ڪنيو
غير جي هانوَ تي مان مڱ ڌري ڪين سگهيس.

ڏَسِي راهه رهبر هئي، چوٽڪاري جي مگر،
آزادي جي ديوي ڏي پير پري ڪين سگهيس.

⦿ اج باهہ بلوچستان ۾ پنيٺ تي آ پڙڪي ڙي،
تخت لاهور ۾ ڏار پيا هيءَ قوم ڪٽان آ ڪڙڪي ڙي.

هن غير فطري ملڪ کان قومون آزادي ٿيون چاهن،
گيت بغاوت جا ٻڌجن پيا ڳلي ڳلي ۾ مرڪي ڙي.

هي مظلومن جي جنگ آهي، قابض قوم جي جابر سان،
ڦهر تي ڪڙڪيا جوڏا آهن. گولين سان اج گڙڪي ڙي.

هي آزاديءَ جي جنگ آهي ڪا دهشت گردي ناهي ڙي،
ڏس پِيَو مان جبلن تان آ لتي، فوجي جنتا پُرڪي ڙي.

هن جنگ وطن جي ماٺهن ۾ ”آزاد“ آ روح پريو اهڙو،
هر شخص چوي ٿو وڙهنداسين ڦاهي پائي سُرڪِي ڙي.

⦿ انسان کي، انسان اڄ ساڙي پيو.
ماڻهو هٿان ماڻهو خون ڳاڙي پيو.

خوف خدا ڪٿ ڪين آهي رهيو.
گهر خدا جي ۾ بندو بم ڦاڙي پيو.

مذهبي بگهڙ آدمين ۾ پيا هن اچي،
آدمي اڄ آدمي کي ڏاڙهي پيو.

قتل ٻه اڄ مونکي ڪرامتون ٿا لڳن،
ڪا خبر ناهه ڪير ڪنهن کي ماري پيو.

ٻارڙي کي گُهٽي منهن ڪارو ڪري آيو.
مولا چپ آهي چو نه اُپُ ڦاڙي پيو.

ڪو ڪچي ڪين ٿو ڏاڍ ۽ انبياءَ تي،
"آزاد" اندر پنهنجو وينو ڪاڙهي پيو.

⦿ روح کي لڳيون تنهنجون لغارون آهن،
سون ورني سنڌوءَ جون پچارون آهن.

آب درياهه ويو ديس ٻوڙي سڄو،
مارُن جون بک تي پڪارون آهن.

وڇڙي وئي مون کان خوابن پري اڄ،
حسرتن سنديون بس اُڏارون آهن.

ڪالهه ٿي ويو جدا وقت جي درياهه ۾،
تنهن پرينءَ جون اندر ۾ سارون آهن.

روز لاشا ڪڄن ٿا ڌرتيءَ ڏٽين جا،
نير مائرن اکين ۾ لارون آهن.

ڇو بهارن ۾ جانان جي خوشبو نه آ،
ديس ڪهڙيون تو آنديون بهارون آهن.

آهيان ”آزاد“ مان دل ميجي ئي نٿي،
ها غلاميءَ جون مونتي ميارون آهن.

⦿ اسان کي ديس جي درد ڪانسواءِ،
ڪا مسجد ڪو مندر ياد ڪونهي.

ڏنا غيرن اسان کي ڏنپ ايذا هن،
لبن تي ٻي ڪائي فرياد ڪونهي.

ملي ڪٿ اسان کي انصاف ڪونہ ٿو،
مگر هت چا، خدا وٽ بہ داد ڪونهي؟

هوائون ملڪ جون هاڻ ٿيون ساڙن پيون،
هر دل مايوس آ ڪا شاد ڪونهي.

بيڏوهہ ماڻهو مرن پيا ديس ۾ ڏس خُدا،
اهڙو تہ ڪو اسلام ۾ جهاد ڪونهي؟!

ڪنهن تي ڏوهہ قسمت جو ڏجي اي دوست،
هتي هرڪو آ باندي، ڪو ”آزاد“ ڪونهي.

⦿ بيدار ٿي انسان حيوان اڇي ويا،
مذهب جو پائي پوش بي ايمان اڇي ويا.

ناحق وهائي رت خوشيون پيا ملهائن،
ماڻهن ۾ آ چڱڀول ترخان اڇي ويا.

اي موسيٰ، اي عيسيٰ، محمدﷺ هلي آ،
دنيا ۾ ابوجهل ۽ هامان اڇي ويا.

نوان روپ ڌاري روز قاتل اچن ٿا،
ڪلهه تاتاري، ارغون اڄ طالبان اڇي ويا.

ٻڌي بم ٻارن کي ماڻهو ٿا اُڏائن،
نئين دور جا يزيد ۽ مروان اڇي ويا.

مسجد نہ مندر ڪوئي ”آزاد“ هتي آ،
رحمان ۽ ڀڳوان گهر، شيطان اڇي ويا.

- پاڻ ڪنهن زورآور سان ڪڏهن ٺهون ئي ڪونہ،
ڪنهن جي ڪِرُ ڪِرُ ڪٿ ڪا سهون ئي ڪونہ.

پنهنجي دل جا اسين آهيون شهنشاهہ دوست،
ڪنهن پوتار، سردار جي ڪڍ لڳون ئي ڪونہ.

دشمنن جي اک ۾ ٻاٻري ڪنڊي جيان چُڀون،
۽ پرين جي دل تان ڪڏهن لهون ئي ڪونہ.

رسي وڃي صنم، تہ ڳچيءَ ڳارو وجهي پرچائبو،
پر پاڻ پنهنجي صنم کان ڪڏهن رسون ئي ڪونہ.

حسن جي دربار جا هر وقت آهيون غلام،
پر زاهدن جي تہ مجلسن ۾ وڃون ئي ڪونہ.

ڀل هجي حور يا ڪا ڪوهہ قاف جي پري،
پاڻ پنهنجي جانان کانسواءِ ڪا ڏسون ئي ڪونہ.

محلاتن ۾ ڇون ٿا نازڪ نفيس مهہ جبين آهن،
پر ڳوٺ جي ماهرو مُک کان وڌ ڪا ڀڏون ئي ڪونہ.

سدائين دار ۽ دلبر ڏي وڃون ٿا ڇڪجي پاڻ،
انڪري ڪنهن حاڪم جي حضور ۾ رهون ئي ڪونہ.

رهيا ”آزاد“ آهيون، خيال پنهنجي ۾ سدائين،
ڪنهن نيچ نظريي خاطر نظريو بدليون ئي ڪونہ.

⦿ لانگ بوٽن آ ڏرتي لتاڙي سنڌو،
اجان ناهي ڪٿي رات ڪاري سنڌو.

تون چرپٽ مارو چريا پٽ ڏس،
ڪن ٿا عورت اجان ٻہ ڪاري سنڌو.

قبيلي پرستيءَ لئہ وڙهن ٿا پيا اڄ،
مري مانجهي ويا توبهہ زاري سنڌو.

بکن ۾ ٿا سانگي اجان وقت ڪاٽن،
اجان ڏس پريشان آهي هاري سنڌو.

پنهنجو آ وطن ۽ پنهنجي آهي ڌرتي،
پر هلائي حڪم پئي قوم ڌاري سنڌو.

ناهہ پنهنجي حقن جو ڪو پاسبان هت،
رهنمائن ۾ پئي آهي آري سنڌو.

چوي ممتا روئي توکي ”آزاد“ ٿو پيو،
اسان! ڪرِ ڪرِ صفا چڙ تہ واري سنڌو.

⦿ روبوٽ وانگي ڪا مشين ناهيان مان،
تنهنجي هڪڙي اشاري سان گهمندم اٿي.

منهنجون پاڙون ته ڌرتي ۾ آهن ڪتل،
تون جي وڙهندين ته توسان وڙهندم اٿي.

نيٺ انسان هان ڪيترو مان سهان،
ڪندين انياءَ ته پوءِ رڙندم اٿي.

هرڪو پنهنجي سچاڻپ ٿو چاهي پيو،
مان سنڌ جي سچاڻپ لئه مرندم اٿي.

تو سمجهيو ڪيئن، ته مان نادان هان،
ديس جي دشمن سان ته ملندم اٿي؟

آهي ”آزاد“ مون کي جيئڻ جو ته حق،
ڪندين قيد تون دنيا کي سڏندم اٿي.

⦿ گند جي ڍير تان مئل ٻار مليو،
انسانيت کي جڙ کنهن پوندو ڏنو.

لڄ لٽي نينگريءَ جي هڪ وحشي ويو،
لوڪ گڏجي، ٽڪ، بجو رهندو ڏنو.

پيءُ ڏيءَ مٿان ڪارنهن جو الزام ڏئي،
مڙس ڪٽي پوڙهو ۽ منڊو ڏنو.

ڳوٺ ٻاهران ٻنيءَ پر، واهه جي اندر،
هاري ماري! زميندار ٻُنڊُو ڏنو.

چپ آهين تون ڏسي ظلم "آزاد" چو،
توکي ضميرَ ناهي ڪو ڇهندو ڏنو.

⦿ ديس جي دشمنن جا رستا هاڻ تنگ ڪر،
جيسيتائين جيئرو آن تيستائين جنگ ڪر.

سنڌ لئہ لڙ اٿي، سنڌ لئہ مر اٿي،
سنڌ کي سجاڻ تون سنڌ کي ننگ ڪر.

سنڌ جا جوڌا سڀ، گڏ ڪري جوڌا سڀ،
وطن جو هر جوان ديس جو پاونگ ڪر.

پاڻ کي سنڀال تون وقت ناهي ڪين ويو،
موت کان وڌ پرين جيئڻ لئہ اُمنگ ڪر.

سوچي سمجهي مار ڪر اڳ نہ ڪو وار ڪر،
هوش سان وڌ اڳتي ”آزاد“ ٿي دنگ ڪر.

⦿ ديس مٿان انڌيرن جو راڪاس آهي،
اُماس ۾ ورتل اجان آڪاش آهي.

نئون جهان جوڙبو پاڻ تي وشواس آهي،
ظلمتن ۾ ٻه روشني جي تلاش آهي.

جاڳندو انسان، اڄ جي بدحواس آهي،
توکي ڀُل آهي ته، مئل لاش آهي.

تو ڏنو مونکي اڄ جو بنواس آهي،
پر ڏس ته ڪهڙي ڏوهه جي پاداش آهي.

ٿو لڳي هر ٻول مونکي سنڌڙي جو منو،
”آزاد“ جي شعر ۾، ديس جي چاش آهي.

⦿ سنڌي ٻولي اڄ ٻہ، لَپِيُنِ ۾ ورهايل،
ڪٿ عربي، ڪٿ ديوناگري مان ناهيل.

هڪ قوم جي ٻولي، ٻن ٻيڙين حوالي،
مذهب جي گاري سان آ زوريءَ اڏايل.

هڪ جاءِ اردو ٻي جاءِ هندي،
ٻنهي غير ٻولين جي آ سنڌي ستايل.

پنهنجي ديس ۾ ناهه قومي ٻولي سنڌي،
پنهنجن ئي هٿن جي تہ آهي هيءَ گهايل.

وڏي ويجهي آهي، غلامي ۾ هيءَ پر،
لپي ٻہ هن جي آ غلامي ۾ جايل.

پنهنجي ٻولي ”آزاد“ اٿ تہ بچايون،
”سنڌ ادبي سنگت“ جو آ نعرو لڳايل.

⦿ هٿ ٻڌي ٿو چوان مان سنڌ جي عوام کي،
ڇو نہ ٿا وڏايو سنڌڙي جي نام کي.

ديس جا وارث ٿيو واھر ڪيو قوم جي،
آ التجا ھاري ۽ مزدور طبقي عام کي.

نفرتن جي نانگ کي دل مان ڪڍي ڦٿو ڪيو،
ھٿ ٻڌي ٿو چوان رحيمداد ۽ رام کي.

ڌس اجاڙي ديس کي ڪانئر ڪمينو ٿو پيو،
اٿو ننڊ مان جاڳايو مظلوم کي غلام کي.

دنيا کي ٻڌايو ھي زنده آھيون اسين سيئي،
لاھ مرده قوم جي "آزاد" تون الزام کي.

⦿ ظالم لئہ چوين ٿو مظلوم آهي،
پل قتل ڪري تہ بہ معصوم آهي.

انصاف جي منهن تي آ پٽي ٻڌل،
حق سچ کي ڏسڻ کان محروم آهي.

ڪو ڪري ئي نٿو لب ڪشائي هتي،
ڪيس ڪفر جي فتوا معلوم آهي!

ذهنن مٿان مذهب آ حاوي ٿيو،
ٿي انسانيت پئي تہ مغموم آهي.

غلام هوندي تون ”آزاد“ پيو سڏائين،
ان تخلص جو ڇا مفهوم آهي؟

⦿ ڀُڳڙن جي مُٺ تي انصاف وڪامي ٿو
ڏاڍي جي لٺ تي انصاف وڪامي ٿو.

فرياد ٻڌي ٿو نہ ڪوئي داد ڪري ٿو
پهچ، اثر، پُٺِ تي انصاف وڪامي ٿو.

افسوس آ مون کي دنيا عجب ٿي وئي،
ڀوتار جي اُٺ اُٺ تي انصاف وڪامي ٿو.

پئسي وارن جي آ هر جاءِ حڪومت،
ٿي ويهان سٺ تي انصاف وڪامي ٿو.

”آزاد“ نہ آهي ڪو مسڪين ماڻهن جو
زردار جي چٺ تي انصاف وڪامي ٿو.

⦿ هي وقت تہ ڪڏھن ورڻو آ،
هڪ ڏينهن تہ دلبر مرڻو آ.

چو چپ ڪري تون ويٺو آن،
اٿ ڌرتي لئہ ڪجھ ڪرڻو آ.

تون ديس جو دودو هوشو آن،
توکي سنڌ وطن لئہ وڙهڻو آ.

اڄ گڏجي ڪائي ٿل ڪيون،
ميدان ڇڏي نہ ڀڄڻو آ.

آ سنڌ امڙ ڏس سورن ۾،
هر روز جلوس ۾ ڌرڻو آ.

اُٿ ڌرتي کي ”آزاد“ ڪراءِ،
توکي ديس جو نعرو هڻڻو آ.

⦿ آدمي، آدمي کان ٿيو بيزار آ،
ڪٿ نہ آ سڪون نہ ڪو قرار آ.

هرڪوپنهنجن لئہ لچي ۽ ڪچي ٿو
ٻين جي ٻچڙن مٿان ڇريءَ وار آ.

پاڻ کي سيڪو حلالي ٻار ٿو سمجهي،
ٻي کي چوندو وتي هو حرامي ٻار آ.

وحشتن جو هتي راڄ آ برپا ٿيو،
ظلمتن جو هرجاءِ وهنوار آ.

سَوَ سلامي پِرن پوتار کي پوُ وڃان،
مسڪين پر ٻيهڻ لئہ ڪو نہ تيار آ.

علم هوندي جهالت وڌندي وڃي پئي،
جاهليت جي دور جي هت جئڪار آ.

⦿ درد جي شهر ۾ ماڻهپو اڻلڀ ٿي ويو،
ماڻهپو رهيو ڪونهي ڪنهن آ سچ چيو.

اجايو دوستيءَ جي دعويٰ ٿو ڪرين،
دوست ڪي دوست ئي خنجر آ هنيو.

امن ۽ اهنسا جي ڳالهيون ٿو ڪري،
امن جي داعين ئي هنسا کي پنهنجو ڪيو.

آدمي ئي آدمي کي ٿو اڏاري بم سان،
لاش قاتل ۽ مقتول جو گڏ گڏ آ رکيو.

خبر آ هلي، آپ گهاتي جي منڍي ملي،
ڪيئن سڃاڻو پلا لاش آ ٽڪرا پيو.

⦿ انڌيرن ۾ شمع جلايو تہ روشن جهان ٿئي،
چو چانڊوڪين ۾ فانوس پيا ٻاريو.

اڏيو جي تہ ڪو نئون جهان ئي اڏيو
ورنہ روايتي محل ڇا لئہ پيا ڍاهيو.

نفرتن جي باھہ وسايو ڪجهہ تدارڪ ڪيو
محبتن جو پاڻي ڪٽي ڇو نہ پيا هاريو.

ڏيرج سان ٻڌو ۽ ٻڌايو مسئلا سيئي،
ڏکي، ڏمچر، ڏک سان ماڻهو ڇو پيا ماريو.

وهي رت پيو ڇو ناحق هتي انسان جو،
جنگ ڪان نفرت ڪري امن ڇو نہ پيا آڻيو.

”آزاد“ سڏائڻ سولو آ، آزاد فضائن ۾،
غلامي ۾ آزادي جا نعرا ڇو نہ پيا لڳايو.

⦿ سنڌ منهنجي ماءُ آهي،
جنهنجي ٿو پوڄا ڪيان.

سنڌ ڪاشي سنڌ ڪعبو
هر هر پيو پوڄا ڪيان.

سنڌ منهنجي آ سچاٽپ،
چونہ مان وفا ڪيان.

سنڌ جهانگين جي جهڳي،
ڪيئن پلا تندا ڪيان.

سنڌ آباد شاد ٿئي،
هر گهڙي دعا ڪيان.

سنڌ ”سميع“ پُٽ جان،
قرض پنهنجو ادا ڪيان.

سنڌ اڄ جاڳي پئي،
خوش ٿيان واهہ وا ڪيان.

سنڌ تان ”آزاد“ مان،
پاڻ کي فِدا ڪيان.

⦿ اسان جي هتي يارو قسمت ڦٽي آ،
نہ ڪي آهي رستو نہ منزل ڇٽي آ.

اڪيلو سفر هي ڪٽي ڪين سگهبو،
اڱيان، رڃ، واري، ڀِٽَنِ جي پٽي آ.

وڃون منزلن تي، ملي پيچرو ڪو،
مگر بند هر ڪا اسان تي گهٽي آ.

رهيو پاڻي ناهي، سوڪهڙي آ ماريو،
ڦِتل گهر ۾ هڪڙي اجايل مَٽي آ.

اِياڳن ماڻهن لئہ ڇيو هڪ نياڳي،
سنڌي قوم جاهل سراسر جٽي آ.

پنهنجو ديس ”آزاد“ ٿيندو ضرور،
پوتارن تہ پنهنجي دلڙي ڦَٽي آ.

⦿ تو بنا سِر اڏيءَ تي آ پرين اڏيل،
تو سوا زندگي اڻ پورو آ غزل.

اُنيست جهوپڙين سان آ ٿي وئي،
ڪونہ ٿو وٽي مونکي اڄ ڪو مهل.

دل ۾ داراشڪوه ٿو رهي،
جوتي جي نوڪ تي اونگزيب رکيل.

ديس جو داسُ ٿي تون گذارجانءِ،
ماءُ جي آهي مون کي لولي ڏنل.

ظلم سان نفرت گهٽي اوڏي سٺي،
مظلومن جي من جو آ مٿل.

رکجي پنهنجي من جو مٿل،
عشق جي در جو مان آهيان ڪٺل.

ڇو تارا مسيح پيو ڦاهيون اڏي؟
ديس جي هر اک مان ڏسان ٿو پٺل.

⦿ پنهنجي ذهن کي تون گندو ٿو ڪرين،
الله ۾ پيڳوان ۾ سنڌو ٿو ڪرين.

خالق ته سخي آ ڏيندو آ جهان کي،
ڇو الله جي نالي چندو ٿو ڪرين!

مالڪ ته سين ۾ هڪڙو ئي وسي ٿو،
فرقا ناهي، ٽولا ڏنڊو ٿو ڪرين!

منبر تي چڙهي ڏئي درس دوئي جا،
ماڻهن کي زاهد ڇو انڌو ٿو ڪرين.

منصور ٿي مولا "آزاد" آيو هت،
ڇئي ڪيس مشرڪ تون مندو ٿو ڪرين.



# وايون

⦿ مري شال ملهائيان، جيجل توسان نپائيان،

سانگين جا سور ختم ٿين، ڏيهہ مان ڏاڍ پڄايان،
مري شال ملهائيان.

ظلمتن جو دور وڃي، روشن صبح ڪا آڻيان،
مري شال ملهائيان.

هڪ حياتي ڇاهي، سؤ بہ ديس تان واريان،
مري شال ملهائيان.

پاپين جي پنجوڙ مان، ساري سنڌڙي بچايان،
مري شال ملهائيان.

هوشو، دودي، دولهہ واري، جنگ وري ورجايان،
مري شال ملهائيان.

تن من پنهنجو واري، ڌرتيءَ تان سر گهوريان،
مري شال ملهائيان.

⦿ ڀل تہ پنهنجي ديس ۾ ٿهڪ ڏين چلوليون،

وطن جا ويڙها وسن، ۽ وسن سڀ دليون،
مارو ٿين خوش ۽ ٽڙن دل جون ڪليون،
ٿهڪ ڏين چلوليون.

نَهوَر نہ رهن ٻنيون، ٻاٽي ۾ پُر هجن،
پوکن اندر ساوڪ اچي ۽ سرسبز ٿين وليون،
ٿهڪ ڏين چلوليون.

ڀالوا جي پِٽ تي، بادل گجن وسڪارا ٿين،
مور ٿهوڪا هجن ۽ مال سنديون وڄن ٽليون،
ٿهڪ ڏين چلوليون.

رت بسنتي سگَنڌ سان، واسجي وڃي فضا،
ڇيلا ڪسن ميلا مچن، روشن رهن من ڳليون،
ٿهڪ ڏين چلوليون.

”آزاد“ ڏٽي در اڳيان، هٿ کڻي دعا تون پن،
ديس تي ڏارين جون آيل، آنڌيون وڃن سڀ هليون،
ٿهڪ ڏين چلوليون.

⦿ قلف ڪڙا ڪول پُٽ،
ڌرتيءَ جا ڍول پُٽ.

چپ چپ چو آهين،
رڙ ڪر ڪا ٻول پُٽ، ڌرتيءَ جا ڍول پُٽ.

اَحرار• تيءُ وطن جو،
پاڻ کي، نہ رول پُٽ، ڌرتيءَ جا ڍول پُٽ.

ديش پيڳت ٻڄجي وڃ،
بالا ٿيندءِ بول پُٽ، ڌرتيءَ جا ڍول پُٽ.

وطن تان نثار ٿيءُ،
ٿيندين تون انمول پُٽ، ڌرتيءَ جا ڍول پُٽ.

حق وٺ ڇني پنهنجا،
ڦٽي ڪرڪشڪول پُٽ، ڌرتيءَ جا ڍول پُٽ.

”آزاد“ سنڌ ٿيڻي آهي،
ڪر نہ تون هَول پُٽ، ڌرتيءَ جا ڍول پُٽ.

---

• احرار= حر، مجاهد.

⦿ ڪيڏا آهن رنگ ٻنين ۾،
ساوا هئڊا سنگ ٻنين ۾.

ساون ڪيتن ۾ ڏس تون اڄ،
ڏاتن جا پيا ونگ ٻنين ۾،
ڪيڏا آهن رنگ ٻنين ۾.

مند ڦلاري جوڀن نڪتو،
ڪنهن جا ظاهر انگ ٻنين ۾،
ڪيڏا آهن رنگ ٻنين ۾.

پرهه ڦٽيءَ جو اٿيا مانجهي،
دل جي ڪٽي امنگ ٻنين ۾،
ڪيڏا آهن رنگ ٻنين ۾.

جهار ٽي هڪلي هارياڻي ڏس،
ڪيئن وڄن ٿا چنگ ٻنين ۾،
ڪيڏا آهن رنگ ٻنين ۾.

ائٽ تي پاڻياريون ٽيون ٿهڪن،
سڀ جا آهن ننگ ٻنين ۾،
ڪيڏا آهن رنگ ٻنين ۾.

⦿ هن ڏاڍ ۾ ظلم جي ننگريءَ ۾،
سچ جي لاٽ ٻارائي، مان ڦاهيءَ چڙهندس،
ٻيهر موٽي ايندس.

پٽ ڌٽيءَ جي پون ۾ متان،
آزاديءَ جو طبل وڄائي، مان ڦاهيءَ چڙهندس،
ٻيهر موٽي ايندس.

سنڌ جي پوتر ڌرتيءَ تي،
پنهنجو ريٽو رت وهائي، مان ڦاهيءَ چڙهندس،
ٻيهر موٽي ايندس.

ديس جي مانجهي مردن کي،
درد وطن جي ڳالهه ٻڌائي، مان ڦاهيءَ چڙهندس،
ٻيهر موٽي ايندس.

سيد جي فڪر کي اڄ،
هارين نارين تائين پڄائي، مان ڦاهيءَ چڙهندس،
ٻيهر موٽي ايندس.

⦿ بوبي سينڊس، ناهيان نذرالاسلام،
ياد ڪيان ٿو وطن ڪي صبح شام،
سنڌڙي توکي سلام.

ڏرتي توتان تن من واريان،
گيت سنگيت تنهنجي نام،
سنڌڙي توکي سلام.

ڪاش اچي ڪو اهڙو ڏينهن،
مان سولي سينگاريان سرعام،
سنڌڙي توکي سلام.

ڇا جون خوشيون ڇا جا سانگ،
ٿوڙي ڦٿا ڪيان سنڌ لئہ جام،
سنڌڙي توکي سلام.

تنهنجي آزاديءَ لئہ او جيجل،
ڇڏيا مون هن عيش آرام،
سنڌڙي توکي سلام.

وچن ڪري ويڙهيچن سان ڏس،
”آزاد“ ڪري ٿو پوءِ ڪلام،
سنڌڙي توکي سلام.

⦿ ينيت باهہ تي پڙڪان ٿو
ٽاندڻ تي مان ٽڙڪان ٿو
ڏرتي توسان ويڏن چو.
ظلم ڏسان ٿو ماروئڙن تي،
آب گرم جيئن ٻَڙڪان ٿو
ڏرتي توسان ويڏن چو.
ڏاڙا قتل ۽ مارا ماري،
وس نہ پڄي ٿو پٽڪان ٿو
ڏرتي توسان ويڏن چو.
جهوپو جهري ٿو جيءُ جهري ٿو
سيءُ پوي ٿو ٽڙڪان ٿو
ڏرتي توسان ويڏن چو.
دوزخ سنڌڙي ماريءَ ڪئي آ،
ڏڙ ڏڙ اڄ تہ ڏڙڪان ٿو
ڏرتي توسان ويڏن چو.
ڏاريو پيل ڪري ويو پوءِ بہ،
بي پرواهہ تي هڙڪان ٿو
ڏرتي توسان ويڏن چو.
وردي وارو پيڪيون ڏئي ٿو
سنڌوءَ تي ڏِس ڪڙڪان ٿو
ڏرتي توسان ويڏن چو.

⦿ گول دنيا جي نقشي تي،
ڪٿ بہ ڪنهن جو خون وهيو، تو ڇاهي ڪيو؟

ڪنهن ڪانئر جي تلوار هڻان،
ڪنهن سورهيہ جو ڪنڌ وڍيو، تو ڇاهي ڪيو؟

ڪنهن جي پٺيءَ تي ڪوڙو لڳو،
مون سمجهيو مون تي وار ٿيو، تو ڇاهي ڪيو؟

ڪنهن جهوپي ۾ سانگين جو گذري،
بک تي سارو ڏينهن جي ويو، تو ڇاهي ڪيو؟

بيداد نگر ۾ آڌيءَ رات جو،
ڪنهن ونيءَ جو سهاڳ لٽيو، تو ڇاهي ڪيو؟

گن مشينن جي گرگاٽن ۾،
گولين سندو مينهن وٺو، تو ڇاهي ڪيو؟

سنڌوءَ جو جل پاڪ جڏهن،
ڏاڍن زوريءَ آهي جهليو، تو ڇاهي ڪيو؟

جڏهن بہ سنڌ تي وار ٿيو،
”آزاد“ تہ هڪڙو نوحو لکيو، تو ڇاهي ڪيو؟

⦿ سنڌ جا والي، حاڪم ننڊا،
اي ڄام ننڊا، اي ڄام ننڊا.

اڄ اڇي ڏس پنهنجن ۾،
ڪيڏا پئجي ويا سنڌا،
اي ڄام ننڊا، اي ڄام ننڊا!

ڪوڙن ڏٺن ۽ چند ٽَڪن تي،
هڪ ٻئي کي پيا هڻون ڏنڊا،
اي ڄام ننڊا، اي ڄام ننڊا!

خان، وڏيرا ٻچڙا ٿي ويا،
روز ڪن ٿا جرڳا چنڊا،
اي چام نندا، اي چام نندا!

هر روز ماريون ٿا ناريون هنڙِي،
لٽ، ڪهاڙيون ڪٽي سنڊا،
اي چام نندا، اي چام نندا!
امن رهيو نہ تو جهڙو ڪٿ،
معزز ٿي ويا ڪلهہ جا لنڊا،
اي چام نندا، اي چام نندا!

اڳواڻ رهيو نہ هاڻي ڪوئي،
چڱ مڙسي لئہ پٽِن جنڊا،
اي چام نندا، اي چام نندا!

پنهنجي پياري ڌرتيءَ تي،
قابض ٿي ويا غاصب غنڊا،
اي چام نندا، اي چام نندا!

سنڌوءَ جو ويو پاڻي سڪي،
غيرن ٻڌا، زوريءَ ٻنڌا،
اي چام نندا، اي چام نندا!

⦿ نہ ڏورن ۾ پاڻي، نہ ڏنڊين ۾ پاڻي،
سڄي سنڌ سڪي وئي، ڪيون هڪ هڪاٽي،
اٿو سنڌ واسي،
اٿو سنڌ واسي.
خودڪشي چوڌاري آهي بيروزگاري،
ڪينسر جيان وڌي وئي، ڪيون هڪ هڪاٽي،
اٿو سنڌ واسي،
اٿو سنڌ واسي.
معصوم هڪڙي ننڍي نينگري جي،
لڄ چو لٽي وئي، ڪيون هڪ هڪاٽي،
اٿو سنڌ واسي،
اٿو سنڌ واسي.
ڀائيپي جي ناتي، ڪيستائين ڦرجون،
مت چو منهنجي وئي، ڪيون هڪ هڪاٽي،
اٿو سنڌ واسي،
اٿو سنڌ واسي.
نہ سونهون ڪو سنگتي نہ ڪو راهہ ڏيندڙ،
ٿي منزل پري وئي، ڪيون هڪ هڪاٽي،
اٿو سنڌ واسي،
اٿو سنڌ واسي.

## ⦿ اي بادلو ! اي بادلو!!

مون کي وٺي هلو متان ڪٿ ڀُلو.

سنڌو ساگر سير مان، جڏهن ڪر ڪٽي هلو
مون کي وٺي هلو.

ٿر جي اُجاري پٽ تي، جڏهن گجي وسو
مون کي وٺي هلو.

ڪارونجهر جي ڪور تي، جڏهن جڏهن مڙو
مون کي وٺي هلو.

وڏڦڙو منهنجي ديس تي، ڪٿ به وجي هٽو
مون کي وٺي هلو.

منهنجي مٺي مهراڻ تي، جڏهن ڀرجي اچو
مون کي وٺي هلو.

”آزاد“ جي اِلتجا ۽ سڏ ٻيي ڪجهه سڻو
مون کي وٺي هلو.

⦿ اڳـي ائـيـن نـہ هـيـاســـــي،
موهن دڙي جا وارث ٿياسي.

اڪثريت هوندي اقليت ٿياسي،
اڳي ائين نہ هياسي.
وطن ۾ اسان بي وطن ٿياسي،
اڳي ائين نہ هياسي.
مظلومن مٿان ويهي حملا ڏٺاسي،
اڳي ائين نہ هياسي.
سنڌو سڪي ويو، اڄ ۾ مئاسي،
اڳي ائين نہ هياسي.
پاڻي بند ٿيو، ڪربلا ٿي پياسي،
اڳي ائين نہ هياسي.
وقت ويندو هليو جي نہ اٿياسي،
اڳي ائين نہ هياسي.
ڪسبي ڌرتي اگر بزدل رهياسي،
اڳي ائين نہ هياسي.
تو نہ ٻڌو ”آزاد“ ڪوڪرا ڪياسي،
اڳي ائين نہ هياسي.

⦿ ڪنهن جي ڪانهن جي ڪنڌيءَ کي باهہ لڳي جي وئي،
منهنجي دلڙي، پَروڻ ٿي وئي.

پيڻ بدي ۾ ڪنهن جي ڪائي ڏيل ڏرڻ جي وئي،
رسمن جي چتا تي ڪٿ ڪا نار چڙهڻ جي وئي،
منهنجي دلڙي، پَروڻ ٿي وئي.

ڪنهن جي عزت آبرو کي چوٽ ڏني جي وئي،
ڪنهن شريف زاديءَ مٿان تهمت مڙهي جي وئي،
منهنجي دلڙي، پَروڻ ٿي وئي.

ڪارن ڪوتن اندر جي ڪا ڳاڙهي پڄي جي وئي،
مذهب نالي ڪنهن جي نياڻي ڪٿ ڪڄي جي وئي،
منهنجي دلڙي، پَروڻ ٿي وئي.

ڪلجڳ ۾ ڪا پٽ جي هٿان ماءُ ماري جي وئي،
ڪنهن مُک تي تيزاب جي ڪا شيشي هاري جي وئي،
منهنجي دلڙي، پَروڻ ٿي وئي.

⦿ سدائين تنهنجي عظمتن جو نغمو ڳايو آ،
قسم تنهنجو سنڌڙي!
جڏهن کان ڌرتي توسان نينهن لڳايو آ،
تڏهن کان خيال آ ساڳيو ڪين مٽايو آ،
قسم تنهنجو سنڌڙي!
اسان خاموش ٿي ويا آهيون چون ٿا ماڻهو
اهڙو خيال هنن جو بيڪار ۾ اجايو آ،
قسم تنهنجو سنڌڙي!
اسان تنهنجا سپوت آهيون ڪپوت ناهيون،
اسان ڳلي ڳلي ۾ تنهنجو نعرو لڳايو آ،
قسم تنهنجو سنڌڙي!
جت جِت ويا آهيون، جنهن سان مليا آهيون،
اُت اُت وچي فڪر لطيف کي ڦهلايو آ،
قسم تنهنجو سنڌڙي!
لوڪ کي ناهي خبر ديس جي دردن جي،
اسان دل تي مارُن جو نالو لکايو آ،
قسم تنهنجو سنڌڙي!
جو دم جيئرو آهي، هي غلام ”آزاد“،
وڙهندو تنهنجي آزادي لئہ سڀ کي ٻڌايو آ،
قسم تنهنجو سنڌڙي!

⦿ جُڳن کان جاڳ جو راڳ،
چـــونـــــدو اچـــان.

اجان نہ ٿيو انسان سجاڳ، رڙندو اچان،
جڳن کان.

ماڻهو ماڻهو لئہ ٻاري ٿو آڳ، جلندو اچان،
جڳن کان.

ڪن کي نياڳ ڪن کي سياڳ، ڏسندو اچان،
جڳن کان.

ديس جو ڇو آ قتل ڀاڳ، روئندو اچان،
جڳن کان.

صدين کان جاري، آزادي راڳ، ٻڌندو اچان،
جڳن کان.

ڪڏهن ملندو ”آزاد“ ماڳ، پڇندو اچان،
جڳن کان.

⦿ ڳاءِ ڍوليا ڳاءِ، پنهنجي سنڌڙيءَ لاءِ

انقلابي شعر پڙهه، باغي ذهن ناهه،
پنهنجي سنڌڙي لاءِ

لک اٿي اي اديب، ٻولي ٻاٻاڻي لاءِ
پنهنجي سنڌڙي لاءِ

وطن جي تاريخ کي، ٻيهر تون ورجاءِ،
پنهنجي سنڌڙي لاءِ

سنڌ سڪي ڪيئن سڪي، دنيا کي ٻڌاءِ،
پنهنجي سنڌڙي لاءِ

چپ نہ ڪري ويهہ تون، ڪجهہ نہ ڪجهہ ڳالهاءِ
پنهنجي سنڌڙي لاءِ

ڊٻي، ڪرڙي، مياڻيءَ جي، جنگ تون ورجاءِ،
پنهنجي سنڌڙي لاءِ

اُٿ وري اوج تون، چار نندي جو موٽاءِ،
پنهنجي سنڌڙي لاءِ

سانگيئڙن سان ”آزاد“ تون، نينهڙو اڄ نڀاءِ،
پنهنجي سنڌڙي لاءِ

⦿ پنهنجي ديس خاطر، وڙهي جو مري،
مارُن جي دل ۾ سو ئي گهر ڪري.

پنهنجي ڌرتي لئہ جو مهاڏو اڏي،
پنهنجي ديس لئہ گهر ٻار ڇڏي،
مارُن جي دل ۾ سو ئي گهر ڪري.
پنهنجي ٻولي لئہ جدوجهد ڪري جو
جيل سختيون ۽ ظلم سهي جو
مارُن جي دل ۾ سو ئي گهر ڪري.
جو وڙهندي وطن لئہ امر ٿي وڃي،
ڪنهن آمر آڏو نہ جي آڻ مڃي،
مارُن جي دل ۾ سو ئي گهر ڪري.
وطن جي آزادي لئہ جلاوطن ٿي،
ديس واسين جي دل ۾ بغاوت ڀري،
مارُن جي دل ۾ سو ئي گهر ڪري.
پورهيت جي پگهر جو قدر جو ڪري،
سانگين ۽ جهانگين لاءِ جو لڙي،
مارُن جي دل ۾ سو ئي گهر ڪري.
سامراج آڏو سينو ساهي بيهي جو،
پنهنجي ڌرتيءَ جو راکو راکوال ٿي جو،
مارُن جي دل ۾ سو ئي گهر ڪري.

⦿ ڏرتيءَ کي چڙيان، توسان لانوَ لهان،
اهو ڪيئن پلاءِ؟!

چپ وينو رهان، ڏيهہ ڏاڍ ڏسان،
اهو ڪيئن پلاءِ؟!

سکيا ساهہ کٽان، ماري مرگهہ ڏسان،
اهو ڪيئن پلاءِ؟!

بم بندوقن ڪان، پڇي پوَ ۾ وڃان،
اهو ڪيئن پلاءِ؟!

پاڪر پائي ڪلان، ديش دروهيءَ مِلان،
اهو ڪيئن پلاءِ؟!

ديس داس نہ ٿيان، ڪانئر سان ٺهان،
اهو ڪيئن پلاءِ؟!

ڪير خوش ٿي پيئان، ويريءَ گل وجهان،
اهو ڪيئن پلاءِ؟!

⦿ گوليءَ جي ڪا ٻولي ناهي ٽيندي،
گوليءَ جي ٻولي آءٌ چا ڄاڻان.!

گولي پاڻ انڌي هوندي آ،
گولي آنڌي وانگي ايندي آ،
گوليءَ جي ٻولي آءٌ چا ڄاڻان.!
گولي گهاءُ ڏئي، ماٽهوءَ کي،
گولي پڇتاءُ ڏئي، ماٽهوءَ کي،
گوليءَ جي ٻولي آءٌ چا ڄاڻان.!
گولي گهرڙا اجاڙي پئي،
گولي رت ۾ وهنجاري پئي،
گوليءَ جي ٻولي آءٌ چا ڄاڻان.!
گولي جِيوَن جو آ اَنت،
گولي انسانيت جو موت،
گوليءَ جي ٻولي آءٌ چا ڄاڻان.!
گولي سان ياءُ کي ياءُ ماري،
گولي هِيانوَ مائرن جا ڦاڙي،
گوليءَ جي ٻولي آءٌ چا ڄاڻان.!
گولي ڪنهن کي ڪين سڃاڻي،
گوليءَ جي ڪا ٻولي ٽيندي ناهي،
گوليءَ جي ٻولي آءٌ چا ڄاڻان.!



# گيت

⦿ جڏهن ظلم جي نگري ڍهندي،
ٻ رات نہ ڪاري رهندي،
هيڪار حياتي ٿي ويندي،
مهڪار حياتي ٿي ويندي.

محڪوم سمورا آزاد ٿيندا،
ٻ برج ياري سارا ڍهندا،
ايوان ستم جا ڏڏندا،
جڏهن ظلم جي نگري ڍهندي،
ٻ رات نہ ڪاري رهندي.

وردي ۽ جو ڪو رعب نہ رهندو
بي ڏوهہ نہ ڪوئي جيل ويندو
جمهور جو هر هنڌ هوڪو هلندو
جڏهن ظلم جي نگري ٻهندي،
۽ رات نہ ڪاري رهندي.
ڪو دين ڌرم جو پيد نہ رهندو
نعرو پيار ۽ پرت جو لڳندو
نئين صبح جو سورج ڦٽندو
جڏهن ظلم جي نگري ٻهندي،
۽ رات نہ ڪاري رهندي.

گهر پورهيت جو آباد ٿيندو
طبقو نہ ڪوئي طوق رهندو
هي ديس پنهنجو آزاد هوندو
جڏهن ظلم جي نگري ٻهندي،
۽ رات نہ ڪاري رهندي.
نئين دنيا جو در کلندو
۽ محبت وارو نعرو لڳندو
انسان تڏهن "آزاد" ٿيندو
جڏهن ظلم جي نگري ٻهندي،
۽ رات نہ ڪاري رهندي.

⦿ اي ديس منهنجا دلدار پرين،
منهنجي تن من جا ٺار پرين.

تنهنجي نانءَ مٺي جي لولي ملي،
ان لوليءَ ۾ تنهنجي ٻولي ملي،
تنهنجي ٻوليءَ جي عظمت جو قسم،
اهڙي ٻي نہ ڪائي ٻولي ملي،
اي ديس منهنجا........
منهنجي تن من جا ........

توتي ساھہ ڏئي ويساھہ ڏيان،
ڪنهن ويريءَ جو نہ وار سهان،
توکي پيار ڏيان چشمن سان چميان،
تنهنجي دشمن جو ڏڙ ڏار ڪيان،
اي ديس منهنجا........
منهنجي تن من جا ........

تنهنجي سنڌوءَ جي جل پاڪ مٿان،
سؤ بار هزار مان سجدا ڪيان،
جي ڏئم ٿهن، سي بند ٻڌان،
تنهنجي ويرين جا ڪنڌ ڪوري ڇڏيان،

اي دیس منهنجا........
منهنجي تن من جا ........
تنهنجي نانءُ جو هردم ورد ڪيان،
تنهنجي شان ۾ ڪيئي شعر لکان،
تنهنجي بر ٿر جي واريءَ مٿان،
ڪي نظم چوان ڪي گيت پڙهان،
اي دیس منهنجا........
منهنجي تن من جا ........

تو لئہ دانهون ڪري فرياد ويا،
تنهنجا نياز، اياز، استاد ويا،
ڏس سوراجي هن طبل وڳا،
چڏي ننڊ ٻچا هن جاڳي اٿيا،
اي دیس منهنجا........
منهنجي تن من جا........

تو ۾ منهنجو پيٽائي شاهہ آهي،
تنهنجي سرحد منهنجو ساهہ آهي،
”آزاد“ هي تنهنجو پٽڙو آ،
تو لاءِ مري، تو مباح آهي،
اي دیس منهنجا........
منهنجي تن من جا ........

⦿ دشمن کي سرعام چوان ٿو
آزادي اعلان ڪيان ٿو
ٿيندو مست قلندر اڄ،
اي منهنجي وطن جا ويري ڀڄ.

جاڳيو ڪاڇو لاڙ اتر آ،
ڏاريا تولئہ تنگ هي تر آ،
گيدي ايڏو تون نہ رڄ،
اي منهنجي وطن جا ويري ڀڄ.
سنڌ جو پاڻي، مال ڪٽين ٿو
منهنجي آڏو گهمندو وتين ٿو
حق ڦٻائي ٿيو آن رڄ،
اي منهنجي وطن جا ويري ڀڄ.
تنهنجا ڊيم هي سارا ڊهندا،
چڪ نمبر نہ سنڌ ۾ رهندا،
منهن ۾ پوندئي چائي چڄ،
اي منهنجي وطن جا ويري ڀڄ.
نوڪرين تي تنهنجا ڏاڙا،
لڳندا رهندا ڪيسين پاڙيا،
ڪجھ شرم ڪر ڪجھ تہ لڄُ،
اي منهنجي وطن جا ويري ڀڄ.

⦿ غيرت چو وئي اٿوَ ڌرتي چو وڪي اٿوَ
ڪُڇو نہ ٿا لڇو نہ ٿا، زبان ڪنهن سبي اٿوَ

هي يار جو وڙهن پيا، هي يار جو مرن پيا،
ڪڏهن تہ يارو سوچيو انهن جي لاءِ لوچيو
سوچ چو مٽي اٿو........

چو چئن ڏوڪڙن تي، جوئا جي چوپڙن تي،
سنڌ پيا ورهائيو غير پيا رهائيو
عزت اج لٽي اٿو.........

شينهن ٿي گجي پئو ميدان ۾ لهي پئو
صياد کي ڦاسائيو ظالم کي ڀڄائيو
اج زندگي کُٽي اٿوَ.....

ڪو رڻ ۾ پڪاري پيو پنهنجن کي ڀڄائي پيو
ڪري اسانکي تنگ جو هٽو نعرو جنگ جو
”آزاد“ سنڌ ڏني اٿو؟......

⦿ مونسان ساري سنڌ آهي، پڇي وڃ اي گيدي تون،
توکان وڏ مان پيٽو هان، هيٽو نہ سمجھ مونکي تون.

تو وٽ اهڙو سڪو ناهي، جيڪو منهنجو ملھ ڪري،
توسان وڙهبو ڇاتي تاڻي، دنيا سامهون هُل ڪري،
موت نہ ڪو مهڻو آهي، موت جو مون کي ڀؤ نہ آ،
تنهنجي گولي آئي جي، تہ سيني هٽبي گل ڪري،
هيٽو نہ سمجھ مون کي تون.

جڏهن کان آهي پونءِ ٻٽي، تو مون سان آ تڪرار ڪيو،
توتي مون آ وار ڪيو، جت جت تو آزار ڪيو،
جنگ ازل کان جاري آهي، جاري رهندي منزل تائين،
مان جي مرندس موٽي ايندس، آ مارن سان اقرار ڪيو،
هيٽو نہ سمجھ مون کي تون.

نيٽ تہ ايندين واري ۾، هي وردي ويندي تنهنجي لهي،
هڪ ڏينهن هي ٽاٽا ڪاٽا تنهنجا، ويندا لحظي منجھ ڍهي،
هيءَ ديس ڪڏهن خاموش نہ سمجھ، ساگر سانت نہ رهڻو آ،
هي جي اٽيو ڇولي ٻڇي، تنهنجي گولي ويندي لڙهي،
هيٽو نہ سمجھ مون کي تون.

# او آزادي

⦿ او بي چئي او بي چئي، مان اڪيلو ديس ۾ اجنبي،
توکي هٿ ڳوليان پيو هاڻي تہ مل اچي!

پرهہ جي ماڪ موڪلائي وئي، سج آهي ڪني ڪڏي،
کيت ۾ همرچو هونگار ٿي، ديس ۾ پيا هن هبڪار ٿي،
هاري ناري نڪتا سينگارجي، هاڻي تہ مل اچي!

نند مان ڏيهہ واسي اٿيا، جوٽ جوڙي جابجا هن گڏيا،
لاب لبندا رهيا يار ڪلندا رهيا، ۽ پيار وارا هن مليا،
مارو نچيا ميگهہ ملهار ٿي، هاڻي تہ مل اچي!

سرگوشين ۾ ٿيا واعدا وچن، گگن هيٺان ڪونجون اڏن،
ڪڻ ڪڻ سنديون لاتيون لنون، جڻ هي چونديون هجن،
او سانگيئڙا دل جا سکي، هاڻي تہ مل اچي!

او بي چئي او بي چئي، چو؟ تون ملين ئي نہ پئي،
رنگ جيون ۾ پرين ئي نہ پئي، تون اچين ئي نہ پئي،
آءٌ اڪيلو ديس ۾ ۽ بيوسي، هاڻي تہ مل اچي!

او منهنجي حياتي، عشق توسان سچو آ ناتو جذباتي،
او منهنجي خوابن جي شهزادي، او آزادي او آزادي،
هاڻي تہ ڏئي وڃ مونکي ڪا خوشي، هاڻي تہ مل اچي!

= ⦿ گس نئون ڪو وري ڻاهي وٺو
ڏاڍ ڪي ڏاهه سان ٻاهي وٺو.

مينهُن ماڪڙ جو هٿ آهي وٺو
اَن پنهنجو هاري ڪٽائي وٺو
ڏرتي زيرآب ٿي وڃي،
تنهن ڪان اڳ هرڙا هلائي وٺو

ڏاڍ ڪي ڏاهه سان ٻاهي وٺو..

عرش ڪي دانهن سان ڦاڙي وٺو
پاڻ پنهنجو خدا پرچائي وٺو
رات جي رهزنن سان وڙهي اٿو
لوهه جا لڳ، ڪرڙا ساهي وٺو

ڏاڍ ڪي ڏاهه سان ٻاهي وٺو..

راهه جا پٿر سڀ ڪٽائي وٺو
دشمنن ڪي مٿن ۾ وهائي وٺو
ريج ڏرتي گهري ٿي پاڻ ڪان اڄ،
رت جو مينهن ڪو وسائي وٺو

ڏاڍ ڪي ڏاهه سان ٻاهي وٺو..

ڏور منزل نه آ پنڌ وهائي وٺو
خيال ڪريو متان ڪو مارائي وٺو
شير دلير آهيو سڀ سنڌ پرست،
ڪنڌ مغرورجو اڄ جهڪائي وٺو

ڏاڍ ڪي ڏاهه سان ٻاهي وٺو..

⦿ پاونگ ٿيو ديس لئہ لڙو،
اڄ چوي پيو موهن جو دڙو.

موٽايو پنهنجي وطن جي خوشحالي،
جي نہ ٿا چاهيو توهين بربادي،
سنڌ جي تاريخ آهي آڳاٽي،
نہ ڪي پنج هزار سالن کان چڙو،
اڄ چوي پيو موهن جو دڙو،
پاونگ ٿيو ديس لئہ لڙو.

جتِ ڪِٿ اهو چرچو هُلي ٿو
سنڌ جو وفاق تي خرچو هلي ٿو
ڏيون ٿا اربين ملن چند ڪروڙ
اجان سنڌي ماڻهو آ چپ چو ڪڙو؟
اڄ چوي پيو موهن جو دڙو
پاونگ ٿيو ديس لئہ لڙو.

ٻولي پنهنجيءَ لئہ سازش ٿئي پئي،
هر اداري مان ڌڪاري وڃي پئي،
سنڌيءَ جا دشمن هتي هن هزارين،
قومي ٻولي لئہ ڪجهہ تہ رڙو
اڄ چوي پيو موهن جو دڙو
پاونگ ٿيو ديس لئہ لڙو.

ٿل ڪئنال ۽، ڪالاباغ ڊئم،
ٿاهن پيا جابر ڪيو شيم شيم،
نڪري پئو سڀ گڏجي ڪري،
وسايو ويريءَ مٿان ملامت ڳڙو
اڄ چوي پيو موهن جو دڙو
پاونگ ٿيو ديس لئہ لڙو.

⦿ رت رنگيل تنهنجو رئو ڪٽي ڳلي ڳلي ويندس،
ساري سنڌڙِي ڪي وڇي هيئن مان چوندس،
هن خون ناحق جو ڇا ٿيندو، هن سنڌ نياڻيءَ جو ڇا ٿيندو؟!

هي ڪِيس قهر ڇو آهن، هن ڌرتيءَ تي ڌمر ڇو آهن؟
اڄ شهرن ۾ ڌاريا ڇو آهن، مهراڻ مهڪ جو ڇا ٿيندو؟
هن سنڌ نياڻيءَ جو ڇا ٿيندو؟!
ٿر ڪاڇو بـ ڪمبيل آهي، اتر لاڙ ڌنيپل آهي،
وچولو بـ جهريل آهي، مارئيءَ جي ملڪ جو ڇا ٿيندو؟
هن سنڌ نياڻيءَ جو ڇا ٿيندو؟!
پاپ نگر جو پاپي اڄ، پيٽ ڪي ماري ٿيو آ رڄ،
ڌرتي چوي ٿي ڪانئر پيچ، هن ديس جي خلق جو ڇا ٿيندو؟
هن سنڌ نياڻيءَ جو ڇا ٿيندو؟!
سڀ تولئہ ننڍڙا وڏڙا اڄ، روئن ٿا پوڙها جڏڙا اڄ،
سڻ سنڌ نياڻي سڏڙا اڄ، هر پُور ۽ پلڪ جو ڇا ٿيندو؟
هن سنڌ نياڻيءَ جو ڇا ٿيندو؟!
ڪاري جو ڪنهنکي ڪان لڳو، عرش تي انجو روح ويو
روئي خدا کي جنهن چيو، تنهنجي عرش ۽ فلڪ جو ڇا ٿيندو؟
هن سنڌ نياڻيءَ جو ڇا ٿيندو؟!

⦿ اٿو يارو اٿو يارو، امن وارؤ امن وارؤ
اهنسا جا پوڄاري سڀ، سنڌوءَ جا اي حسين تارؤ.

ستا پيا ننڊ ۾ آهيو، ڇڏيو بستر ڪرڙا ساهيو،
هڻو نعرا آزاديءَ جا، وڏا توڙي ننڍا ٻارؤ.

تشدد جا ناهيون قائل، مگر ناهيون اسان سائل،
وڙهي وٺبا تہ حق پنهنجا، ٻڌو هيءَ ڳالهہ غدارؤ.

اهنسا آ پنهنجو عزم، اي هنسا وارا بي رحم،
ڏيڻ ايندو جواب آهي، سمجهي ڇڏيو اي ڪانئرو.

اچو جهنڊو اوچو رهندو، مگر جو ديس سان کهندو،
ڪٽي جهنڊو ڳاڙهو هلبو، اٿو سنڌو وفادارؤ.

وڏي واڪي چئون ٿا پيا، دنيا کي ڏسيون ٿا پيا،
ٿيندي آجي سنڌو ساري، جوانؤ اي "آزاد" پارؤ.

⦿ پاڻ ڪيو آ جيجل سنڌ سان اهوئي وچن،
دیس ڪبو آزاد، امڙ! او دیس ڪبو آزاد.
روڪي سگهندا سور نہ سختيون پنهنجون اڄ راهون،
ڪانئر پلي چو نہ اچن ڪري وڏيون ڪاهون،
وڙهبو ويرين ساڻ اتي، سِر سان ٻڌي ڪفن،
پاڻ ڪيو آ جيجل سنڌ سان اهوئي وچن،
دیس ڪبو آزاد امڙ او دیس ڪبو آزاد.
وقت اجان ڪين ويو آ چو ٽا پيا گهبرايو
اوهان ڪُل ئي دودا آهيو بختاور جا پائر آهيو
خلجي خچر ويندا مري ٽيندا هت نہ هڙئي دفن،
پاڻ ڪيو آ جيجل سنڌ سان اهوئي وچن،
دیس ڪبو آزاد امڙ او دیس ڪبو آزاد.
پاڻ امن جا پانڌيئڙا هون سمجهي متان ڪو ائين،
جنگ ائين ئي ڪبي ان سان، جنگ اسان سان ڪندو جيئن،
هي آ لطيفي نگري ۽ شاهہ عنايت جو آ چمن،
پاڻ ڪيو آ جيجل سنڌ سان اهوئي وچن،
دیس ڪبو آزاد امڙ او دیس ڪبو آزاد.
پلجي ڪوئي ائين نہ سمجهي غافل آهن سنڌڙي وارا،
سپ ڪجهہ سمجهي قوم پئي، ٻڌ ماروئڙن جا تون نعرا،
هي ڏاهر جي اولاد جو آهي سرويچن جو وطن،
پاڻ ڪيو آ جيجل سنڌ سان اهوئي وچن،
دیس ڪبو آزاد امڙ او دیس ڪبو آزاد.

⦿ خيال ۾ هوش سان ڏسندا هلو.
هوريان هوريان وڌندا هلو.

ديس جي دشمنن جي اڳيان،
نرتڪين ۾ بربلين جي اڳيان،
ڏيان سان قدم رکندا هلو.

پيار واري رنگ ۾ گهمو،
سُرت ڏاري سنگ ۾ گهمو،
ديس مان ڏاريا ڏڪيندا هلو.

جيئن تيئن ڪري اڳتي رڙهو،
وطن جي سوراج لئہ لڙو،
ملڪ جا مارو ميڙندا هلو.

خان پوتار مرگهہ تي پيا،
ڏڪار ڏيهہ ۾ اچي پيا،
”آزاد“ تيو جاڳندا هلو.

⦿ اچ ڏرتي سنپارئي ٿي،
اچ ماءُ پڪارئي ٿي، منهنجا ڀاءُ سنڌي پيارا،
منهنجا ساهہ سنڌي پيارا.

ڏس پيٽ ڏڪاري آ،
ڏس سنڌ اُجاري آ،
ڏس ٻچڙا روئن ٿا،
ڪنهن باهہ هي ٻاري آ.
اچ ڏرتي سنپارئي ٿي.

ڏس ڏاڙا لڳن ٿا پيا،
ڏس مارو مرن ٿا پيا،
ڏس ديس جلي ٿو پيو،
پنهنجا گهر سڙن ٿا پيا،
اچ ڏرتي سنپارئي ٿي.
ڏس ڪوڙا ڦٽڪا لڳا،

ڏس گم ٿي يار ويا،
ڏس رند چڙهيا سولي،
آزادي اعلان ٿيا،
اڄ ڌرتي سنڀارئي ٿي.

ڏس ڪانئر ڪڙڪن پيا،
ڏس لاش ٿا لڙڪن پيا،
ڏس ڪوس ٿيو ڪيڏو،
ڳاڙها جهنڊا ڦڙڪن پيا،
اڄ ڌرتي سنڀارئي ٿي.

ڏِس قوم ڪي ماريو جن،
ڏِس شهرن ۾ پيا گهمن،
ڏَس ڪاڏي وڃون هاڻي،
ڪيو ڏاڍ آهي ڏاڍن،
اڄ ڌرتي سنڀارئي ٿي.

ڏس اڄ جا تون انسان،
ڏس باندي سنڌي جوان،
ڏس روئي پيو ”آزاد“،
انسان ٿي ويا حيوان،
اڄ ڌرتي سنڀارئي ٿي.

# لوڪ گيت

⦿ چلو شاهه پٽائيءَ جو هوشو دولهه دودي جو
حيدر شاهه سنائي جو
من کي موهي ٿو چلو مون کي وڻي ٿو.

چلو سنڌي ماڻهن جو جيل ۾ بند جوانن جو
ڌرتي جي ڌنوانن جو
جن ۾ منهنجو ساهه آ، پيار هُنن سان اٿاهه آ.

چلو رات انڌاريءَ ۾، ڦُري ويا جي ڌاڙي ۾،
نيٺ ته ايندا واري ۾،
ڌاريا ڌاڙو هٽي ويا، چلو غير ڪٽي ويا.

چلو ونبو ورائي سنڌ، ڏاڍ جا ڏونگر ڏاري سنڌ،
رهزن سڀ مارائي سنڌ،
چلو ديس جو چاهه آ، دشمن سان نه ناهه آ.

# لوڪ گيت

⦿ مورو ناهي ٽورو، ڊولڻ مورو ويٺي ڏيان،
او ڊولڻ مورو ........

جبل مٿي سيءُ، منو ڪير پيءُ،
او ڊولڻ مورو .......

جبل مٿي ڪانهن، منهنجي ٻڌ دانهن،
او ڊولڻ مورو ........

جبل مٿي جنگ، رستو آهي تنگ،
او ڊولڻ مورو ........

جبل مٿي ڪکَر، اڇي ساٽيهه ۾ سُکر،
او ڊولڻ مورو .......

جبل مٿي ڪونج، ٻڌ آزادي جي گونج،
او ڊولڻ مورو ......

جبل مٿي گاج، قوم جي رک لاج،
او ڊولڻ مورو .......

جبل مٿي باهه، غيرن جا گهر ڊاهه،
او ڊولڻ مورو ........

جبل مٿي رند، سهٽي ساري سنڌ،
او ڊولڻ مورو ........

# لوڪ گيت

⦿چڏ تون ماٽا منهنجا راٽا، چيٽو ويٺي چڙيان،
پچي ٿي ماني ڪاءُ تون چيٽو ويٺي چڙيان،
جاني،
مان تہ چيٽو ..............

آهيان سياڳي ناهيان نياڳي، چيٽو ويٺي چڙيان،
تنهنجي ماتا ڏرتي ماتا، چيٽو ويٺي چڙيان،
مان تہ چيٽو ..............

تولئہ ڳايان، سنڌ سينگاريان چيٽو ويٺي چڙيان،
منهنجا هوشو منهنجا هيمو، چيٽو ويٺي چڙيان،
مان تہ چيٽو ..............

دل جا دلارا گهر تي لامارا، چيٽو ويٺي چڙيان،
شير اي هاري تڙ تون ماري، چيٽو ويٺي چڙيان،
مان تہ چيٽو ..............

پاڻ سنواري توکي سنواريان ، چيٽو ويٺي چڙيان،
سنڌ مان سارا ڪڍ تون ڌاريا، چيٽو ويٺي چڙيان،
مان تہ چيٽو ..............



# نظم

# سنڌڙي سائي رهي

نئين سج، نئين سال جي آجيان،
مان روح جي گهراين سان ڪيان.

نئون سال خوشيون ڪٺي ڪي اچي،
وڃن ڏک لهي روشني ڪا ٿئي.

ختم ٿي وڃن سيئي جهيڙا جنگيون،
وري موٽي اچن سنڌ ۾ رونقون.

نہ ڏاڙا لڳن نہ لاش ڪِرن،
سدا مارو ڌرتي تي، خوشيون ڏسن.
مرن ڪين ڳڀرو جوان ڪي هتي،
رهن خودڪشيءَ جا نہ سامان ڪي.

نہ هتڙي ڪائي ناري ناحق مري،
نہ ڪارو ۽ ڪاري رسم ئي رهي.

پچن پوکون پاڻي هجي هت سدا،
رهن هاري خوشحال منهنجا ادا.

خدا شل سنڌوءَ کي سلامت رکي،
سدائين وهي پيو نہ ڪڏهن سڪي.

الاهي سنڌوءَ کي تون آباد رک،
۽ دنيا جي قومن کي آزاد رک.

وڃن دهشتون جيئن ميسارجي،
وڃي دنيا ساري تہ سينگارجي.

ڌڻي! پنهنجو اسان تي ڪرم ڪري،
امن هن ڌرتي تي سدائين رهي.

هي ”آزاد“ جو سپنو پورو ٿئي،
نئين سال ۾ سنڌڙي سائي رهي.

# ياد تنهنجي

اتي ياد تنهنجي دلربا! آئي،
جتي قيد مان ۽ سنڌ جي سچائي.

هي قيد گهاٽا، ڦاسي گهات چا هِن،
ٿئي ظلم، پوءِ بہ اوچا ڳاٽ آهن،
جهڪائي نہ سگهندا ظالم اسان کي،
عدوءَ جي اندر ۾ سڙباٽ آهن،
اتي ياد تنهنجي دلربا آئي،
جتي قيد مان ۽ سنڌ جي سچائي.
هي زنجير زندان ڪيسين هوندا،
هي ڪوڙا ڦٽڪا ڪيسين وسندا،

ٽيندي سوڀ آخر سّيد جي فڪر جي،
دشمن ديس جا سڀ غرق ٿيندا،
اتي ياد تنهنجي دلربا آئي،
جتي قيد مان ۾ سنڌ جي سچائي.

ڪيا قول جيڪي مون توسان ها ويهي،
ڪندس پورا آخر مان سنڌو سپيئي،
آهي قيد يادون ۾ تنهائي،
اڃان ٿو وڙهي هڪ وطن جو سپاهي،
اتي ياد تنهنجي دلربا آئي،
جتي قيد مان ۾ سنڌ جي سچائي.

خزان جي موسم هميشه نه رهندي،
ٿيندا ميل ميلاپ، دل جا او دلبر،
ڏبا ٿهڪ ويهي پنهنجي چمن ۾،
هڪ ڏينهن سنڌڙي ”آزاد“ ٿيندي،
اتي ياد تنهنجي دلربا آئي،
جتي قيد مان ۾ سنڌ جي سچائي.

# سردارِ شهر

اڙي خان، پوتار، سردارِ شهر،
ڪوڙا جرڳا نہ ڪر، سنڌ سان چرچا نہ ڪر.

هر چال تنهنجي ڪي آ سمجهيو مون،
ٻيڻي ٻار اک ۾ ڪنڊو آهين تون،
ڌرتيءَ جو ويري وڏو آهين تون،
پنهنجن جي روپ ۾ ڏاريو آهين تون،
منهنجن مارن ڪي تون موڳو نہ ڪر،
ڪوڙا جرڳا نہ ڪر، سنڌ سان چرچا نہ ڪر،

اڙي خان، پوتار.....

چو راڄ هٿن سان کهائين پيو
چو سياست اهڙي چمڪائين پيو
چو معصوم ماڻهو ڦاسائين پيو
چو ذاتين ۾ تن ڪي ورهائين پيو
قبيلي پرستيءَ ۾ سوگهو نہ ڪر،
ڪوڙا جرڳا نہ ڪر، سنڌ سان چرچا نہ ڪر،

اڙي خان، پوتار.....

هٿن سان هٿيار ٻينو ورهائين،
تون راڄ ويڙهائي ٿو منصف سڏائين،
مسڪينن مٿان ٿو ظلم ڪرائين،
خون خونن ۾ ويهي پيو پاڙائين،
غير جي داڻي تي چوڳو نہ ڪر،
ڪوڙا جرڳا نہ ڪر، سنڌ سان چرچا نہ ڪر،

اڙي خان، پوتار.....

جن ونين جي سرن تان تاج لٽا،
جن مائرن جا بي ڏوهه ٻچڙا ڪُٺا،
جن پيٽن پائرن جا صدما سٺا،
جن اَمڙين وٽي هن سور ڏٺا،
تن سِرن جو ظالم سودو نه ڪر،
ڪوڙا جرڳا نه ڪر، سنڌ سان چرچا نه ڪر،

اڙي خان، پوتار.....

سردار وڏيرو جڏهن ڪو مري ٿو
چڙ تنهنجو ڪڙم قبيلو مري ٿو
سردار جو سِر ٽيهه لک ڪرين ٿو
غريب جو سر، لک به نه ڪرين ٿو
زور سان پاڻ کي تون جوڏو نه ڪر،
ڪوڙا جرڳا نه ڪر، سنڌ سان چرچا نه ڪر،

اڙي خان، پوتار.....

هي سنڌ جا ماڻهو نه جاهل آهن،
هي وحشي، نه اڻ ڄاڻ، ڪاهل آهن،
هي هميشه نه نفرت ڏي مائل آهن،
هي امن جا سمندر ۽ ساحل آهن،
ڏي جواب تون وات گودو نه ڪر،
ڪوڙا جرڳا نه ڪر، سنڌ سان چرچا نه ڪر،

اڙي خان، پوتار.....

# سنڌڙي وڏي

ڪچو پڪو وَڏي،
شل سنڌڙي وسي!

پوکان پچن ۽ گاهہ ڦُٽن،
ماڻهو مال ڪائي، خوش ٿين،
لهي جام پلي ڦوٽا بہ پچن،
آباد ٻني ٿئي لاٻَ لُڇن،
ڪچو پڪو وَڏي، شل سنڌڙي وسي!

پيئون جام لسي ۽ مکڻ ملي،
ٿئي سارو ڪڇو خوش موج مچي،

ڪا واءُ گهلي ڪو مينهن پوي،
ٿئي ساوڪ سائو قول رچي،
ڪچو پڪو وَڏي، شل سنڌڙي وسي!

وهي پاٽي اچي سنڌوءَ منجهان،
ٻيڙاتا نچن ٻيهي هيج وچان،
ڪي سنگ پچن ڪي رنگ ڏسان،
ڪا جان چٽي ڏاڙيلن مان،
ڪچو پڪو وَڏي، شل سنڌڙي وسي!

نہ ذات قبيلو ڪو دنگ هجي،
ڄاموٽ ٻروچ نہ زنگ هجي،
اسڪول ڪلن ۾ تعليم ملي،
سوچ وڏي ڪو شعور اچي،
ڪچو پڪو وَڏي، شل سنڌڙي وسي!

ايڪو ٿئي ۾ جهيڙا نہ ٽين،
نہ طبقا رهن نہ طوق رهن،
سردار ندورا سڀ سڙن،
سنڌڙي جيئي سنڌ وارا جيئن،
ڪچو پڪو وَڏي، شل سنڌڙي وسي!

# ميزائيل مصيبت

اگني، غوري ميزائل مصيبت،
لوڪ سڄي ۾ پکڙي هيبت.
جنگين جا واپار ڏسو، پيڙا تن لئہ تيار ڏسو
جلي ٿو تڙپي جان جگر، تيل مٿان پرمار ڏسو
لوڪ سڄي ۾ پکڙي هيبت.

هيٺا ٿا پيا هاري ٿڪن، ڪتا ٿا سامراجي پونڪن،
مزدور پگهر ۾ شِلُ رهن، بم بارود انبار لڳن،
لوڪ سڄي ۾ پکڙي هيبت.

ٿر ۾ راجستان روئي ٿو، بک ۾ مئل، پار ڊوئي ٿو
پاڻيءَ تي آ ڏاڍو قابض، مظلومن جا لاش لوئي ٿو
لوڪ سڄي ۾ پکڙي هيبت.

ڪيميڪل هٿيار نهن ٿا، ائٽم بم اعلان ٿين ٿا،
انسان ويچارو اجهو گهري ٿو پر هي ڪانئر ڪونہ ٻڌن ٿا،
لوڪ سڄي ۾ پکڙي هيبت.

ايڊز ڪلوننگ پيدا ٿي پئي، ماڻهوءَ کي فڪرات وني وئي،
دنيا سوڙهي ٿيندي وڃي ٿي، ڏاڍ جبر کي ٽيڪ ملي وئي،
لوڪ سڄي ۾ پکڙي هيبت.

# سنڌ جا سائين

اي سنڌ جا سائين،
اي جيئنم سائين!
رهي تنهنجو سدائين،
فڪر قيامت تائين.!!

تنهنجو نالو رهي سدا سلامت،
تنهنجي ديس مٿان نہ اچي شامت،
تون رهبر سنڌ ۽ رهنما آهين،
تنهنجي سياست آهي عين عبادت،
اي سنڌ جا سائين!
اي جيئنم سائين!

تو مخالفت جنونيت جي جام ڪئي،
تصوف جي تعليم تو سرعام ڪئي،
تو سامراجي مفادن کي ظاهر ڪيو
تو سيڪيولر پرچار، صبح شام ڪئي،
اي سنڌ جا سائين!
اي جيئنم سائين!

غيرن جي اک ۾ تون ڪنڊو رهين،
ڌرتي جو تون پٽ اڙٻنگ هئين،
تنهنجي هاڪ هشمت دنيا ۾ هلي،
تون بي باڪَ، اٽل، بااصول جيئين،
اي سنڌ جا سائين!
اي جيئنم سائين!

اسان جي دلين ۾ آ تنهنجو اسم،
تنهنجي فيض سان پُر اسانجو آ دم،
تنهنجا قول سانديل ذهنن ۾ آهن،
”آزاد“ کي مليل آهي تنهنجو فهم،
اي سنڌ جا سائين!
اي جيئنم سائين!

# وطن جا ويري

وڏي ويا وطن جا ويري گهٽا اڄ،
ڳٽي ناڻءَ تن جا مان کهڙا ڳٽيان اڄ.

هڪ وطن جي تہ ويري سرڪار آهي،
ٻيو پرجهلو سندس هي پوتار آهي،
ٽيون ڪمدار سان گڏ صوبيدار آهي،
چوان سچ پيو تہ نٿو مان وٽان اڄ،
وڏي ويا وطن جا ويري گهٽا اڄ.

اسيمبلي ميمبر جي ڪجي ڳالھ ڪهڙي،
”انڊي پيڪين جهڙي ساهرين تهڙي“،
وڪٽي ديس ڪي، جن پري آ تجوڙي،
رڍن جي اڳيان ڪهڙو ويهي رڙان اڄ،
وڏي ويا وطن جا ويري گهٽا اڄ.

مُلان، پِير، مِير بہ گهٽ ناهِ ڪيو
اُنهن ئي غريبن کي جاهل رکيو
سڄو ملڪ تن مان آ تنگ هاڻ ٿيو
اُٿندي ويهندي تن کي تير هڻان اڄ،
وڏي ويا وطن جا ويري گهٽا اڄ.

سنڌ جي علم سان ناحق ڪيا جن،
اهي پيا نہ پر ڪجهہ ماستر آهن،
آئيندي جا ابا اوندهہ ۾ رکيا تن،
اُنهن جي مٿان کهڙو قلم ڪٽان اڄ،
وَڏي ويا وطن جا ويري گهٽا اڄ.

صحافت جي نالي ڪي ڪيسا ڀرن ٿا،
الائي تہ ڇا ڇا پيا هي لکن ٿا،
پنهنجي قوم تي هي رحم ڪين ڪن ٿا،
صحافين ۾ باقي بچيا ڪي ڪٽان اڄ،
وَڏي ويا وطن جا ويري گهٽا اڄ.

سماجي خدمت جي دعوي ٿا ڪن جي،
اُنهن جي ڪهڙي هتڙي ڳالهہ ڪجي،
آهن مافيا جي غور سان ڏسجي،
ڀلا تن جي ڪهڙي ڏاڙهي لُٽان اڄ،
وڏي ويا وطن جا ويري گهٽا اڄ.

ڏسو قوم جا هي مسيحا بڻيا هن،
اهي جڙ تہ ڪي واپاري واٽيا هن،
مريض ڦريا تن وڏا اڻ ڳڻيا هن،
اهڙن ظالمن جا، ڇا پويان پٽيان اڄ،
وڏي ويا وطن جا ويري گهٽا اڄ.

# سنڌ جا نوجوان

تون موهن جي دڙي جيان اڌل آهين،
چو جبر جي مٽيءَ ۾ دٻيل آهين.

تنهنجو حال رهيو آ نہ مستقبل ڪوئي،
غور ڪر تہ ڪائي پئي توکي اڏوهي.

تنهنجي حال تي ڪهڙو ماتم ڪجي اڄ،
جي روئجي تہ ڪنهن سان روئجي اڄ.

نہ حال پائي ڪو نہ درد جو آ درمان،
نہ ڪوئي همدم نہ ڪوئي پاسبان.

نہ ڪو جهانگيري محل، اڏيل آ هتي،
نہ انصاف لئہ گهنڊ لڳل آ ڪٿي.

جو سڄي رات انجي رسي کي ڇڪيون،
۽ حاڪمن جا مئل ضمير جهنجهوڙيون.

هت نہ ڪو منصور آ، جي سچ چئي،
نہ طورسين جو ڪو ٿو راهي رهي.

جو خدا بہ ٻڌي ان جي فرياد ڪي،
وٺي ظالمن کان هڪدم حساب ڏي.

توکي پنهنجو حساب پاڻ وٺڻو آهي،
تنهنجو ماضي حال ۽ مستقبل بہ آهي.

توکي هن ئي مٽي مان اٿڻو آهي،
وٺي ٻيهر جنم تہ ورڻو آهي.

تون ئي روپلي جو راڻو هئين،
صبغت الله جو ساهہ سباڻو هئين.

تون مظفر جي، خوابن وهاڻو هئين،
تون سميع جو نينهن نماڻو هئين.

تون پنهنجي مقدر جو سڪندر آهين،
تون روشن سنڌوءَ جو سحر آهين.

تون موهن دڙي جيان اٽل آهين،
تون سنڌ جو هالار جبل آهين.

توکي لوڏي نہ سگهندو عدو ڪوئي،
هر دفعي سنڌ کي بچايو تو ئي.

هڻ نعرو هيمون جيان ڪڙڪي پئہ نوجوان،
وڏي ويا سنڌ جي سورن جا سامان!!

# سنڌ ساهه وطن

سدا هجين آباد، سنڌ ساهه وطن،
تو لئه ڪوري ڏيان ماهه وطن.

منهنجو يار، پيار، دلدار به تون،
منهنجو چين، سڪون، قرار به تون،
منهنجو ساٿ، سائين، سردار به تون،
تون ئي سڪ، قرب آهين چاهه وطن،
سدا هجين آباد...

تنهنجا مارو سيئي آباد هجن،
پنهنجن ٻچڙن سان ڪل شاد هجن،
سکيا هجن ۽ زنده باد هجن،
تون منهنجو پرين ويساهه وطن،
سدا هجين آباد...
توتان واريان مڏيون سپ ڏن مان،
هڪ جيون ڇا، هر جيون ڏيان،
توتان گهر ۽ ٻچا قربان ڪيان،
ڪو توتي ڪري نه ڪاهه وطن،
سدا هجين آباد...

توتي ميري اک ڪنهن جي نه ڪڇي،
تنهنجا مندا مرن ڪو ڪين بچي،
شل دشمن جي ڪا دانگي پڇي،
۽ پنجن اُن جا لاهه وطن،
سدا هجين آباد.....

سپ رسمون ڪاريون پورَ ٿين،
تنهنجون نينگر ناريون ڏک نه ڏسن،
۽ ڪوسو ڪوبه نه واءُ پسن،
توسان محبت آهي اٿاهه وطن،
سدا هجين آباد.....

# شڪست ڏيو

قاتل انسان جي،
نسل کي پٽو پٽو.

ڏڪا ڏيو لتون هٽو،
گڏجي سڀ ڇٽو ڇٽو.

سامراج مردهہ باد،
نعرا سڀ هٽو هٽو.

قوم متحد ٿي وڃي،
متان ٿيو ڪٽو ڪٽو.

مردود سڀ ڀڄي وڃن،
ٿي وڃن چٽو چٽو.

ديس دروهيءَ ڪنڌ کي،
ڏاتا ڪٽي لٽو لٽو.

شڪست ڏيو ڏاڍ کي،
تڏهن ”آزاد“ وٽو وٽو.

# احتجاج

ڪلڪ ٻوڙي خون مان، ٿو ڪيان احتجاج،
احتجاج احتجاج، ظلم خلاف احتجاج.

ڪربلا ۾ وري اڄ موٽي شمر آيو آ،
انسان کي انسان سان، هن اڄي وڙهايو آ،
خون آخر خون آ ڪنهن جو ٻه هجي ڇو نه پل،
ظلم ڪيو ظالم آهي ٿي وري ابن حجاج،
احتجاج احتجاج، ظلم خلاف احتجاج.

چو پلا اي آسمان، بم پيا وسن هتي،
حسين جو مقدس آهي روضو جتي،
پاٽي ٿيو خون ۽ لاش پيا لڙهن اتي،
ڪونہ ٿو مڙي اجان وحشي ٿيو سامراج،
احتجاج احتجاج، ظلم خلاف احتجاج.

بارڙا ابهم ڏسو روئن ٿا ويچارڙا،
نہ رهيو ابو امڙ سڏڪن پيا تارڙا،
بي ڏوھ ماڻهو چو مئا ڪنهن وٽ آ جواب،
چپ آ انسانيت، ۽ خاموش آهي سماج،
احتجاج احتجاج، ظلم خلاف احتجاج.

باھہ ۾ سڙيل عراق چئي ٿو رڙي رڙي،
تيل ٿا ڪٽي وڃو پرامن ڏيو هڪ گهڙي،
ڪانئر ڪي نہ شرم آ بم وسائي ٿو بينو،
مظلوم قومن کي اچي جنهن ڪيو آ تاراج،
احتجاج احتجاج، ظلم خلاف احتجاج.

اڄ چي گويرا آهي، نہ برزنيف ڪوئي،
سوشلسٽ دنيا ڏئي دانهن ڪنهن کي روئي،
سامراج ٿو وڙهي، سرمائي جي تہ لٺ سان،
”ڏاڍو سو گابو آ“، اهڙو وڏو هن رواج،
احتجاج احتجاج، ظلم خلاف احتجاج.

# ديس جي مٽي

منڙي ديس منهنجي جي مٽي،
توکي پيشاني لايان مان،
”مون ۽ تون موجود ازل کان“،
تو مان چايو آهيان مان.

تنهنجي چيڪي مٽي ميڙي،
گپ چِڪ گارو ٿاهيان مان،
تنهنجي خوشبو مهڪي پوي ٿي،
جِت جِت پير ٿو پايان مان.

تنهنجي واري چِلڪي واري،
چاندي جهڙي پايان مان،
تنهنجو نانءُ مقدس سمجهي،
سيني تي تہ لڪايان مان.

تنهنجا پورا پيند سدائين،
خاڪ شفا ٿو سمجهان مان،
توتي ڪنڌ نمائي جيجل،
سجدي ۾ پيو ساريان مان.

تنهنجو شاهہ لطيف آ عاشق،
جنهن جو عاشق آهيان مان،
تون جي سڏ ۾ سڏڙا ڏئين تہ،
پاڳ پليرا پائيان مان.

# پنڇي امن جو

گگن ۾ اُڏري پنڇي امن جو،
نانءُ روشن ٿئي پنهنجي وطن جو!

رهي صوفين جي هي ڌرتي سلامت،
اچي نہ شال ڪا هن تي قيامت،
دنيا جي ٿيندي هتان ئي امامت،
گجي نہ هن تي ڪو بادل غمن جو،
گگن ۾ اڏري پنڇي امن جو!

رهن سانگي وطن جا نہ ڏکن ۾،
سکيا هجن سدائين رهن نہ بکن ۾،
سرهو ڏسندو رهان ڪين مُکن ۾،
رب ٿيندو ساٿي پوڙهن پڪن جو،
گگن ۾ اڏري پنڇي امن جو!

هارين جا هنڙي سدا ٿين ميڙا،

ٻُلي ٻُلي ٻانئن؟ اچن شل وڏيرا،
غيرن جا ٻل ٿين منهن ميرا،
خدا خير ڪري ڏاهر جي ٻچن جو
گگن ۾ اڏري پنڇي امن جو!

عَلَمُ سنڌ جو اوچو رهڻو آهي،
نہ نقشي دنيا تان هي ڊهڻو آهي،
راڄ مارن جو وري تہ ورڻو آهي،
رهي ڌهڪاءُ ڪو ڪين بمن جو
گگن ۾ اڏري پنڇي امن جو!

سنڌ سائي رهي ۽ سڪار ٿئي،
لٽيرن تي لعنت جو وسڪار ٿئي،
هميشه پشيمان مڪار ٿئي،
ڪارو منهن ٿئي شل ڪِنن جو
گگن ۾ اڏري پنڇي امن جو!

ڪينجهر ۽ منڇر ۾ بهارون هجن،
ڏکيا ڏينهن ڪي نہ مهاڻا ڏسن،
مانگر مڇ سندن نہ آڏو اچن،
خير گهُر ”آزاد“ تن جي تڏن جو
گگن ۾ اڏري پنڇي امن جو!

# درد

سنڌ جي درد جو راڳ ڳائي ويو،
وطن جو سور ڏئي گهائي ويو.

سڄي قوم ٽُڪرن منجهہ آ ورهايل،
تفرقي جي باهہ ڪير لڳائي ويو.

ٽولا ٽولا ٿيا مارو منهنجا بہ آهن،
نسلن ۾ ڪوئي ورهائي ويو.

نہ جوش آ نہ جذبو رهيو ڪوئي،
ڏئي ننڊ سُتِي، ڪو سمهائي ويو.

اوتار، پوتار، ڪوتار پويان،
پوري قوم کي ڪو لڳائي ويو.

ديس پنهنجو "آزاد" جاڳندو ضرور،
ها سَن جو سائين آ ٻڌائي ويو.

# دل کي قرار

نہ ننڊ کي ننڊ آهي،
نہ دل کي ڪو قرار آهي.

ماڻهو ماڻهو مان بيزار آهي،
ياءُ سان ياءُ جو تڪرار آهي،
پنهنجي پر ۾ سوچان پيو،
زمانو ٿيو ڪيڏو خوار آهي، نہ ننڊ کي ننڊ آهي،
نہ دل کي ڪو قرار آهي.
ڪِٿ ماءُ ڪاري ٿي پئي مري،
ڪِٿ پيڻ بدي منجهہ ٿي ڳري،

نہ آهي ڪوئي پرگھور وارو،
دنيا باھہ منجھہ پئي ٻري، نہ نيٽين ڪي ننڊ آهي،
نہ دل کي ڪو قرار آهي.

نہ ڪردار نہ ڪو اخلاق رهيو آ.
هرڪو پاڻ ئي وڏڙو ٿيو آ.
پنهنجي پرائي جي نہ عزت رهي،
گار تي گار جو ڦهڪو پيو آ. نہ نيٽين ڪي ننڊ آهي،
نہ دل کي ڪو قرار آهي.

ہ پئسا گڏائي سيٺيو چوائي،
هرڪو بالم بڻيو ويٺو آهي،
هڪ ٻاءُ کي کائڻ لئہ پئسو نہ آ.
ٻئي ٻاءُ ڏؤ ڪري ڪاڏو آهي، نہ نيٽين ڪي ننڊ آهي،
نہ دل کي ڪو قرار آهي.

# سنڌ واسيو

چئو تہ پنهنجي ڌرتيءَ کي پنهنجي، هٿن سان اجاڙي ڇڏيان،
پنهنجا گهر ڪکاوان، ڊاهي، لتاڙي ۽ ساڙي ڇڏيان،
سدا رت جا پيو ڳوڙها ڳاڙيان ۽ ڏاڍ کي ويٺو ڏسان،
پيئان پيالو زهر جو ۽ ظلم سهان قهر جو،
ٻڌايو سنڌ واسيو مان ڇا ڪيان.
چئو تہ ڪانوان نہ پيئان وري، نہ پنهنجي مرضيءَ سان جيئان،
نہ ڪنڌ ڪڍي سگهان ديس ۾، نہ ڪنهن در وڃي سگهان،
واڳ ڏني خوش هجن، نہ ڪا حڪم جي عدولي ڪيان،
نہ ذڪر ڪريان ڪو ڏمر جو، سدا بندو رهان امر جو،
ٻڌايو سنڌ واسيو مان ڇا ڪيان.
چئو تہ چنجور سان پنهنجون، اکيون ٻئي ڪڍائي ڇڏيان،
سماعتن کي سبي ۽ چپن کي پيي وڍائي ڇڏيان،
نہ ڪنهن کي ڏسي سگهان، نہ دانهن ڪا ڏئي سگهان،
هي دور آهي جبر جو، ناهي خوف ڪنهن کي حشر جو،
ٻڌايو سنڌ واسيو مان ڇا ڪيان.
ان کان بهتر آهي تہ پنهنجي قبر پاڻ ئي کوٽي وجهان،
تنهن کان پهريان ڇو نہ ڪا وطن لئہ جنگ جوٽي وجهان،
ٿي سرخرو مران ۽ پيڙهين لئہ ڪجهہ ڪري مران،
هي وقت آ نئين نکور سحر جو ۽ وڏي هڪ غدر جو،
ٻڌايو سنڌ واسيو مان ڇا ڪيان.

# اظهار

ڪيو ڦتڪارسپ پوتار جي تہ ڪردار تي،
بدنام ڪيو جنهن نانءَ ”سچي سردار“ کي.

تو وڙهائي راڄ هي، سنڌ لئہ ٿيو آزار آ،
مت موڙها ڪيڏ اٿس ڪين ڏسن مڪار کي.

وطن ويو لٽجي هتي، هلن ٿا دؤر شرابن جا،
نور نظر نواب آ، ظلم جي سرڪار کي.

سنڌي ثقافت جو وارث ءِ سڏائي ٿو امين،
هرڪو سمجهي ويو آ ظالم جي پرڪار کي.

جرڳا، ڪاروڪاري ناهِن قبول پاڻ کي،
ڪير روڪيندو اڄ ”آزاد“ جي اظهار کي.

# پروانا پُٽ

سنڌڙيءَ تان سر گھورڻ لئہ پروانا اُٿندا پُٽ،
خون پنھنجي جو نذر ڏئي شڪرانا ڪندا پُٽ.

ويرين ڪي ھي پاڙان پٽي اڇلائيندا پَٽَ تي،
سون ورني ڌرتي جا ھي گيت ڳائيندا پُٽ.

ڪيستائين لاش لھوءَ ۾ ڏسنداسين پنھنجن جا،
نعرا ھٽي ۽ جھنڊا ڪٽي ڊڪندا ايندا پُٽ.

پنھنجا رھبر پاڻ ئي ٿيندا، ڳولي لھندا پنھنجو ماڳ،
نند مان اٿندا جوڙا پنھنجا ڏک لاھيندا پُٽ.

”آزاد“ وطن جو خواب! ھڪ ڏينھن ساپيان ٿيڻو آھي،
ديس جي ڳلي ڳلي ۾ پيار جا گل پوکيندا پُٽ.

# منزل ماڻيون

ساٿ ڏي ساٿي تون،
پنهنجي منزل ماڻيون.

عزم جي پنهنجو پڪو آهي،
صحرا جو پنڌ ننڍو آهي،
ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون، پنهنجي منزل ماڻيون.

تاريخ جي آثارن جو
ديس جي سيني نظارن جو
اُت اوج وري موٽايون، پنهنجي منزل ماڻيون.

سنڌوءَ جي پاڻيءَ ـ سرڪ،
ماروئڙن جي مُک تي مرڪ،
اڄ تہ وري ڪا آڻيون، پنهنجي منزل ماڻيون.

ڌرتي جو تون دودو ٿي،
اڳيان دشمن شودو ٿي،
سوچي سمجهي پڇايون، پنهنجي منزل ماڻيون.

ظالم کي سچ چئبو هاڻي،
هاڻ نہ هاري ويهبو هاڻي،
غَيرَ "آزاد" ڀڪايون، پنهنجي منزل ماڻيون.

# انسانيت وڪوڙيل

سڀ دنيا ونجي وئي غمن ۾،
انسانيت آ وڪوڙيل ڏکن ۾.

نفرت جون باهيون ٻرن ٿيون پيون،
رستن تي ماڻهو مري ويا بمن ۾.

اغوا، ڌاڙا، قتل، ڪِيس ڪارا،
آهي روز منهنجي سنڌڙي ڏچن ۾.

قبيلي پرستي ۾ ڳيرو ٿا ڪسجن،
پيا لاشا آهن، سڀ ته چمن ۾.

جهالت نه آهي ته ٻيو ڇا هي،
غيرت جي نالي، عورت ڏچن ۾.

صبح شام، سانجهي، آڌي رات مانجهي،
غلام رهون ٿا ”آزاد“ وطن ۾.

# سهڻي سنڌ

منهنجي جند، تنهنجي جند،
سهڻي سنڌ، سهڻي سنڌ.

سهڻي آهي ساري سنڌ،
سندر جهڙي ناري سنڌ،
ڏاڍن جي لئہ آري سنڌ،
ڏڏ مکڙ آ جهاري سنڌ،

منهنجي جند تنهنجي جند،
سهڻي سنڌ، سهڻي سنڌ.

جوئر، مکئي، ساري سنڌ،
مومل سندي ماڙي سنڌ،
محنت ڪش آ هاري سنڌ،
هر ڪنهن کي آ پياري سنڌ،

منهنجي جند تنهنجي جند،
سهڻي سنڌ، سهڻي سنڌ.

اشتياق، رزاق، احسان سنڌ،
سنڌين جو ايمان سنڌ،
انجيل، گيتا، قرآن سنڌ،
ڏاڍن جي لئہ ڪانُ سنڌ،

منهنجي جند تنهنجي جند،
سهڻي سنڌ، سهڻي سنڌ.

شاهہ سچل ۽ سامي سنڌ،
ديس جو ناهي ثاني سنڌ،
تنهنجي منهنجي جواني سنڌ،
ڪين ٿيندي هيءَ فاني سنڌ،
منهنجي جند تنهنجي جند،
سهڻي سنڌ، سهڻي سنڌ.

هوشوءَ جي آ جيجي سنڌ،
شاهہ عنايت جي هي سنڌ،
جنهن بہ ڪئي آ اهنجي سنڌ،
موت انهيءَ کي ڏيندي سنڌ،
منهنجي جند تنهنجي جند،
سهڻي سنڌ، سهڻي سنڌ.

دشمن سارا مرندا سنڌ،
گهر گهر باهہ ۾ ٻرندا سنڌ،
جاڳيا دودا جوڌا سنڌ،
ڪنڌ ڌارين جا ڪرندا سنڌ،
منهنجي جند تنهنجي جند،
سهڻي سنڌ، سهڻي سنڌ.

ننڍڙا وڏڙا وڙهندا سنڌ،
اُٺيا آهن ارڏا سنڌ،
سَڪَرَ ڏينهن ورندا سنڌ،
ڪوڙ غلامي ڪرندا سنڌ،
منهنجي جند تنهنجي جند،
سهڻي سنڌ، سهڻي سنڌ.

رهي سدا سائي سنڌ،
ڪاري چولي ڪائي سنڌ،
ماءن، ڀاڳهل ڀائي سنڌ،
هر بينظير جائي سنڌ،
منهنجي جند تنهنجي جند،
سهڻي سنڌ، سهڻي سنڌ.

جيئنم جو آ خواب سنڌ،
جنهن جو ناهہ جواب سنڌ،
سنبل موتيو گلاب سنڌ،
”آزاد“ آهي تراب سنڌ،
منهنجي جند تنهنجي جند،
سهڻي سنڌ، سهڻي سنڌ.

# شاه ڀٽائي

آءُ ڀٽائي شاهہ ڀٽائي!
منهنجي سنڌ جا ساهہ ڀٽائي!

هاري پنهنجو وِير، ڀٽائي!
ڦُري پيو تنهن کي پِير، ڀٽائي!
ان جي پورهئي مان ٿو پالي،
پنهنجو پيٽ تہ مير، ڀٽائي!
آءُ ڀٽائي، شاهہ ڀٽائي !!

ڪيڏو آ لاچار، پٿائي!
پورهيت پالڻهار، پٿائي!
جيڪو ساري جڳ جو مالهي،
غم ۾ سو آ تار پٿائي!
آءُ پٿائي، شاهه پٿائي !!

روز مرن پيا ٻار پٿائي!
گهر جليا هن يار پٿائي!
ڏينهن سمورو ڏک ۾ گذري،
ظالم ڪن ٿا وار پٿائي!
آءُ پٿائي، شاهه پٿائي. !!

ملڪ سڄي جو مان پٿائي!
۽ ڌرتيءَ جو شان پٿائي!
لٺ ۽ چٺ تي وڪڻي آيو،
ڌارين وٽ آ خان، پٿائي!
آءُ پٿائي، شاهه پٿائي. !!

سنڌ رهي شل شاد پٿائي!
ڪوبہ نہ ٿئي برباد پٿائي!
پنهنجو فيض عطا ڪر سائين،
ديس ڪيون ”آزاد“ پٿائي!
آءُ پٿائي، شاهه پٿائي. !!

# ڪل ئي ناهي

وقت ٿو گذري واءُ جيان،
رند وڃن ٿا گهنڊ وڃن ٿا،
رات جي پوپان ڏينهن اچن ٿا،
توکي ڪائي ڪل ئي ناهي،
بيحس منهنجا يار ته ٻڌ.

اٿل ارادي وارا بيٺل،
پولا ڏس جڙ وڻ ڪرن ٿا،
ڌرتيءَ تي طوفان اچن ٿا،
توکي ڪائي ڪل ئي ناهي،
بيحس منهنجا يار ته ٻڌ.

زلزلو ملڪ ۾ آهه اچي ويو،
سارا شهر لڏن ڏڏن ٿا،
جهوپا جهانگين جا ته ڍهن ٿا،
توکي ڪائي ڪل ئي ناهي،
بيحس منهنجا يار ته ٻڌ.

مينهن وسي ٿو گولين وانگي،
گجڻ جا گجگاٽ ٿين ٿا،
گهر تنهنجي ۾ ڌار پون ٿا،
توکي ڪائي ڪل ئي ناهي،
بيحس منهنجا يار ته ٻڌ.

نانگ بلائون نڪتيون آهن،
سانگين کي ڏس ڏنگ لڳن ٿا،
ٻوڏ ۾ ڪيڏا ڳوٺ ٻڏن ٿا،
توکي ڪائي ڪل ئي ناهي،
ٻيحس منهنجا يار تہ ٻڌ.

پيٽ پرين لئہ جهيڙو آهي،
جهرڪن کي ڏس باز ڪٽن ٿا،
بازن کان شهباز کسن ٿا،
توکي ڪائي ڪل ئي ناهي،
ٻيحس منهنجا يار تہ ٻڌ.

ننڊ ۾ ستو پيو آهين تون،
دنيا جا سڀ لوڪ اٿن ٿا،
هاري ناري جوٽ ٻڌن ٿا،
توکي ڪائي ڪل ئي ناهي،
ٻيحس منهنجا يار تہ ٻڌ.

پنهنجي ڏيهہ جا ڍول ۽ ڍاٽي،
سولين تي ڏس روز چڙهن ٿا،
دولهہ دودا روز وڙهن ٿا،
توکي ڪائي ڪل ئي ناهي،
ٻيحس منهنجا يار تہ ٻڌ.

# سانگي سلامت رهن

اي وطن! تنهنجا سانگي سلامت رهن،
سدا سرها رهن تاقيامت هجن.

راهه پٿڪن نہ ڪائي، نہ غم ڪو ڏسن،
سڀ خوشحال ٿين ۽ خوشيون روز ڪن.

نہ ڪي دونهان هجن نہ ڪي درد رهن،
نوجوان سپ نشي ڪان پري ٿي پڃن.

نہ ڪي ڏڪڙا ڏسن نہ ڪي اهنج پسن،
سهاڳڻيون ورن سان سدا خوش گهمن.
بي موت ٿي ڪِٿ ڪڏهن نہ مرن،
سرڙو تولئہ ڏئي سانگي سرها ٿين.

تنهنجي سيني مٿان ناز سان هي ٽلن،
تنهنجي دامن تي داغ ڪارا نہ ڪن.

امڙ ءِ ابي جا چنڊ ٻڄي ڪلن،
نہ هيروئن جي هي ڀُلي ور چڙهن.

نيڪ ٿين ٻين لئہ نصيحت ٿين،
موت سوداگر سڙي رک ٿي وڃن.

ديس توڏي نہ دشمن اک ڪا ڪڻن،
تنهنجا ٻچڙا "آزاد" سدائين رهن.

# ساه کان پياري

ساھہ کان پياري سنڌ امڙ وو،
توتي واريم جند امڙ وو.
تنهنجي عزت منهنجي عزت،
تنهنجي راحت منهنجي راحت،
ننڊ کيان مان هرهڪ ساعت،
تنهنجي جهوليءَ ۾ آ فرحت،
ساھہ کان پياري سنڌ امڙ وو،
توتان واريان جند امڙ وو.
تنهنجي آثارن جي عظمت،
تنهنجي اندر پوريل دولت،
تنهنجي قوم جي آھہ امانت،
ڪيئن ڏيان ڏاڍن کي مهلت،
ساھہ کان پياري سنڌ امڙ وو،
توتان واريان جند امڙ وو.
ظلم ٿين ٿا جيڪي هتڙي،
ناهي مثال تنهن جو ڪٿڙي،
تنهنجا سارا دشمن ماريان،
چونڊي چونڊي پڪڙي پڪڙي،
ساھہ کان پياري سنڌ امڙ وو،
توتان واريان جند امڙ وو.

# بشير خان قريشي

او سنڌو جا سرويچ بشير خان،
سنڌ سڄي جا، ٻار ٻڍا جوان،
تولئہ هنجون هارن پيا،
ڏِس توکي سنيارن پيا.

راهہ ۾ ائينءَ چڙهين ها نہ دلدار،
ديس سڄي ۾ ماٺهن ڪيا پار،
اُپ ڪي ڏارن پيا،
ڏس ڳوڙها ڳاڙن پيا.

غير مٿان هئين حيدر جي تلوار،
تون دولهہ جي نعري جيان نروار،
توکي سانگي سارن پيا،
ڏس پاڻ کي ساڙن پيا.

هاري، ناري، مزدور، ڏنار،
وهائن پيا نيرن جا نار،
اڄ يار پڪارن پيا،
ڏس لڙڪ لاڙن پيا.

# جيترو سهي سگهو

ظالمو زبان منهنجي پل وڏي چڙيو،
گرم شيخون هڻي اڪيون ٻه ڪڍي چڙيو.

جهوپڙي مٿان ڪٽي سوين بم هڻو،
اجاڙيو گهر منهنجو پل ساڙي چڙيو.

چچريو چيٿاڙيو جسم منهنجو سڄو،
سولي تي مون کي ڇو نہ پل چاڙهيو.

پر اي ظالمو! جو ظلم ڪرڻو اٿو،
سو سدائين ڪين هت رهڻو اٿو.

ظلم ڪيو ايترو، سهي جيترو سگهو،
دنيا جي قومن ۾ ڪنڌ کڻي ڪو سگهو.

# ڏوڙ

وردي تي توکي بانور آهي،
ها ڪيڏو توکي پاور آهي.

توکي دنيا ساري ڄاڻي ٿي ،
۽ صحيح صفا سڃاڻي ٿي.

جي ايم کي تو جيل پڄايو،
تو بنگلا ٻڏو کي ٻہ مارايو.

تو ذلفي کي ڦاهيءَ چاڙهيو،
حسن ناصر کي نانگ ڏنگايو.

تو نذير عباسي جيل ۾ ماريو،
تو بختاور کي قتل ڪرايو.

تو ايم. آر. ڊي ۾ لاش ڪيرايا،
تو سميع، مظفر شهيد ڪرايا.

تو بشير خان کي زهر ڏياريو
تو سنڌ سڄيءَ کي آ ڏاڙهيو.

تو روز اسانکي لاش ڏئين ٿو
۽ ٺهڪ ڏئي خوش ٿئين ٿو.

تون پنهنجو انت ڪين ڏسين ٿو
خلق خدا کان ڪين ڊڄين ٿو!

هٽلر، ميسولني جيئن پاڙيا،
۽ ضيا، پنوشي جيئن پاڙيا.

هڪ ڏينهن مٽجي ويندين تون،
ڌوڙ ۾ ڌوڙ ٿي ويندين تون!

تو ”آزاد“ جا ڪيئي پيارا ڪنيا،
گم ڪري سارا پوءِ ماري ڏنا.

# روشني

روشني روشني روشني،
ڪٿ آهين اي روشني.

چوطرف ڏس آهي انڌارو،
ڪن ڪچرو آ گند ڇارو،
ڪٿ بہ تازگي ناهي رهي،
هر چيز آهي اوسني،
روشني روشني روشني.

نفرت جي اڄ باھہ ٻري ٿي،

جيجل ٻچڙن لاءِ رڙي ٿي،
هر طرف آ دونهون دکيل،
ڪنهن پيٽ جي سڙي چني،
روشني روشني روشني.
باغ مالهي پيو ٿو اجاڙي،
سهڻي گلشن کي ٿو ساڙي،
رکوال رهيو نہ ڪو راکو
گُل ڏنا هٿ سان چني،
روشني روشني روشني.

هرهنڌ ٿي وئي بدبوءِ آهي،
سچ تہ سڳنڌ ڪٿ رهي ناهي،
ملڪ سارو آ منتظر،
مٿيءَ مان اڇي خوشبو پني،
روشني روشني روشني.

آءُ تہ ڪائي مشعل ٻاريون،
جهوپا جوڳين جا محل ٻڻايون،
هانءُ ڦاڙيون دشمنن جا،
رکي ديس سان جن دشمني،
روشني روشني روشني.

# پلاند پراڻو نہ ٿيندو

سجي سنڌ ۾ چانيل سرهائي هئي،
هوءَ نئين جوش جذبي سان آئي هئي.

هن ملڪ جا مارو روئندي ڏٺا،
هن لاش لهوءَ ۾ لڙهندي ڏٺا.

هوءَ ظلمتن ۾ اُميدن جو جگنو هئي،
هوءَ وحشتن ۾ آسرو، حوصلو هئي.

هوءَ عدوءَ سان مقابل روبرو هئي،

هوءَ وطن جي لڄ ۽ آبرو هئي.

هوءَ ٿربر، ڀٽن جي ڀرجهلو هئي،
هوءَ بي پهچ ماڻهن جو ڪلهو هئي.

هوءَ سڄي ملڪ جو مان توقير هئي،
هوءَ دلين جي راڻي، سنڌ جو خمير هئي.

هوءَ موت جي منهن ۾ للڪار هئي،
هوءَ اغيار جي مٿان تلوار هئي.

هوءَ سيتا، گيتا ۽ ممتا هئي،
هوءَ سنڌ جي سڃاڻپ، مڃتا هئي.

هوءَ شهيد ”ذلفي“ جي تصوير هئي،
جنهن جو نہ ڪو نظير هوءَ بينظير هئي.

سندس رت رنگيل رئي جو قسم ٿو کڻان،
ٿيندو پلاند پراڻو نہ، وچن ٿو ڏيان.

وٺبو سوراج ديس جو نعرو ٿو هڻان،
ڀل ديس دروهين کي وٺان نہ وٺان.

## سنڌ جائي

ڏسو! سنڌ ڌرتي، روئي ٿي رڙي ٿي،
تتل تيل ۾ جڻ ڪڙهي ڪڙهي ٿي.

ٻڌو روج راڙو آ، ماتم گهرن ۾،
اجان ڪوڪون ڪيهان ٻڌون ٿا برن ۾،

ٿانڊن جيان ماڻهو پڃري رهيا هن،
جهر جهنگ سارا روئي رهيا هن،

ٻڪا پوڙها ٻالڪ چون ٿا هي روئي،
ڪري ڏوهہ ويا هن اسان سان تہ ڏوهي.

نياڻي نماڻي ڪي ماري وڌائون،
سڄي ديس جو هانءُ ڦاڙي وڌائون.

ملنگ، مارو، مولا جا مچري اٿيا هن،

ڪٽي جهنڊا ڳاڙها هي نڪري پيا هن.

دما دم ڪري جي ڪو مست قلندر،
تہ چلڪي اٿندو سنڌو جو ساگر.
ڪندا پلاند پنهنجي پيڙ جو آخر،
لڳي ويندا جهنڊا ڪهاڙي جا در در.

ماري وجهندا گهاتو جنتا سان مانگر،
نہ رهندو تونگر نہ پاپ جو نگر.

ٿيندو سپنو ساڀيان پٽائيءَ جو،
دودي، دولهہ، رهبر سنائيءَ جو.

بختاور جي پيڙ، ڀاڳهل ڀائيءَ جو،
ديش ڀڳت هرهڪ سپاهيءَ جو.

ٿيندو خوش روح نياڻي نماڻيءَ جو،
ذلفي جائي بلاول جي آئيءَ جو.

ڌرتي جي ڌيءَ پورب جائيءَ جو،
شهيد بينظير سنڌ جائيءَ جو.

# ڪاروان هلندو رهي

تلاش وطن ۾ مان ماريو وڃان جو
قافلو نہ روڪجو قافلو نہ روڪجو
جيئن ڏسي فضا هر ڳلي ڪنڊ ڪوچو
ڪاروان هلندو هلي، رهي جهنڊو اوچو.

سوراجي هي سفر مختصر ناهي مگر،
پوءِ بہ ساٿيو ڪو دل لاهي ويهي اگر،
ڪيس همٿ ڏيارجو جذبن کي جيارجو
ساٿ کي سنڀارجو سنڌ کي سارِجو.

پير پنتي نہ ٿي، نہ ٿڪجو نہ هارجو
ديس کي پڪارجو نعرءِ سنڌ لڳائجو
جي ڳوٺ شهر اٿي پون ۽ مردا بہ ڇئي اٿن،
جيئي سنڌ، غريب وطن اي شهيد وطن.

# ماٺ ئي ماٺ

اساٽ ئي اساٽ آ، ماٺ ئي ماٺ آ،
ڪٿي جگنو جو ڪو چمڪو نہ چمڪاٽ آ.

خاموش هرڪو آهہ ڪائي نہ ٻاٽ آ،
گھُگھہ انڌيرو آهہ سانت ئي سانت آ،
نہ رستو، نہ روشني، نہ ڪائي لاٽ آ،
ماٺ ئي ماٺ آ، اساٽ ئي اساٽ آ.

نفرتون چوٽ هن محبتن جي ڪوٽ آ،
ماڻهپو ويو هليو ٽوٽ ئي ٽوٽ آ،
چؤطرف ڏس اڄي ظلم هنيو ڪاٽ آ،
ماٺ ئي ماٺ آ، اساٽ ئي اساٽ آ.

پنهنجي منزل اڄ ڏاڍي ڇٽي آ،
دلڙي مايوس ٿي ڇو؟ ٿٽي آ،
عشق جي ايڏي ڏکي نہ واٽ آ،
ماٺ ئي ماٺ آ، اساٽ ئي اساٽ آ.

## سستا وڪامون ٽا

اسان جو اگهه لڳائي ڏس،
اسان سستا وڪامون ٽا.

اسان ڌرتي بہ ڏينداسين،
اسان سرتي بہ ڏينداسين،
اسان کي پڪ ڏئي سرڪار!
اسان ناظم چوندباسين،
اسان سستا وڪامون ٽا،
اسان جو اگهه لڳائي ڏس.

نہ لوئي ۽ لڄ ڄاڻون،
نہ پنھنجا مارو سڃاڻون،
اسان ورديءَ جا ٻڌا ٻانها!
اسان وزير ٿي ويندا سين،
اسان سستا وڪامون ٿا،
اسان جو اگھہ لڳائي ڏس.

اسان نوڪر ابن نوڪر،
او جرنل ڪرنل واھر ڪر!
حڪم تنھنجو ھلڻو آھي،
اسان صلاحڪار ٿباسين،
اسان سستا وڪامون ٿا،
اسان جو اگھہ لڳائي ڏس.

اسان لئہ ڪارڊ سنڌ آھي،
نہ سنڌڙي ڪائي جند آھي،
ھڻي ڪوڙا نعرا سنڌ جا،
اسان سينيٽر ٿيندا سين،
اسان سستا وڪامون ٿا،
اسان جو اگھہ لڳائي ڏس.

# سنڌي ٻولي

ٻوليون سڀ آهن چڱيون، پر سنڌي پنهنجي ٻولي آهي،
ڪشادي ويڪري هن جي، اجان وڌي جهولي آهي.

ڪَسي ناهي ڪساري هي، آهي فرحت واري هي،
وٽن ٽيون ٻيون ٻه ٻوليون پر، سنڌي پياري اصلي آهي.

موهن جي دڙي جيڏي، هي پراڻي ۽ قديمي آ،
هن کي جو پڙهي پرجهي، تنهن لئہ ڏاڍي سولي آهي.

هي سنڌين جي سڃاڻپ آ، پرجهلو ۽ وسيلو پڻ،
سڄي خطي ۾ هن کي ئي، وڏ عزت ملي آهي.

دنيا اندر ڪري ڏاڪو انٽرنيٽ تي آئي آهي،
”سنڌي ٻولي- قومي ٻولي“، تحريڪ اڄ هلي آهي.

پٺاڻي ۽ سچل، سامي، سنڌي ٻولي جا عاشق،
اسان جي روح رڳ رڳ ۾ سندن ئي لات پلي آهي.

# قسم ٿي

پنهنجي ڌرتيءَ جو قسم اَٿِي،
پنهنجي جيجل جو قسم اَٿِي.

هاڻ پوئتي نہ هٽجان تون،
پير پٺتي نہ رکجان تون.

هٽي نعرا ڪُڏي پئہ اڄ،
ديس دشمن سان لڙي پئہ اڄ.

سنڌڙي اسانجي امڙ آهي،
جيڪو امڙ پنهنجي ورهائي.

اسان جي ديس کي ڊاهي،
اهو ڪم ظرف ياڙيو آهي.

پنهنجو ناهي ڏاريو آهي،
اصلي پيءُ جو پُٽ ناهي.

”آزاد“ ڇڏ دنيا کي ٻڏائي،
اهو حرامي نسل آهي.

# ماروئڙن تي مارا

ڏاڙا ڏاڙا ڏاڙا ڙي،
اڄ مارو‌ئڙن تي مارا ڙي.

هر گهر ويو آ گهاٽو ٿي،
۽ پيار پريت پراٽو ٿي،
هن ڏيهه ۾ جيڪو ڏاڍو آ،
اُن جو سارو ٽاٽو ٿي،
ڏاڙا ڏاڙا ڏاڙا ڙي،
اڄ مارو‌ئڙن تي مارا ڙي.

هر رات ٿي گذري پهرن ۾،
ٿيا ڏاريا قابض شهرن ۾،
امن جو پنڇي اڏري ويو،
گهڙيا دهشگرد گهرن ۾،
ڏاڙا ڏاڙا ڏاڙا ڙي،
اڄ ماروئڙن تي مارا ڙي.

نہ داد ڪوئي فرياد ٿئي،
هر ڏوهي هٿ آزاد ٿئي،
سڀ چور لٽيرا ٿيا حاڪم،
ڪيئن ديس پنهنجو آباد ٿئي،
ڏاڙا ڏاڙا ڏاڙا ڙي،
اڄ ماروئڙن تي مارا ڙي.

ڏس غيرن جا لامارا هن،
ننگن دنگن ۾ تارا هن،
آ انڌ نگر جي ريت نرالي،
سڀ ظالم اڄ سوپارا هن،
ڏاڙا ڏاڙا ڏاڙا ڙي،
اڄ ماروئڙن تي مارا ڙي.

# سنڌڙي سڏي پئي

سنبل جي گل جھڙا نوجوان،
جيئنم جي خواب جا پاسبان،
سنڌڙي توڏي ڏسي پئي،
سنڌڙي توکي سڏي پئي.

ديس جي دردن جا درمان، مارن جي لڄن جا نگھبان،
سنڌڙي ڪنهن لئہ ٻڏي پئي، سنڌڙي توکي سڏي پئي.

آزاد وطن جا اعلان، انقلابي اميدن جا نشان،
سنڌڙي تو لئہ ڏڏي پئي، سنڌڙي توکي سڏي پئي.

او پاونگ، اڙٻنگ جوان، او هوشو هيمون، دريا خان،
سنڌڙي توتي ڪڏي پئي، سنڌڙي توکي سڏي پئي.

غلام قوم جا انسان، فڪر سيد جا پروان،
سنڌڙي ”آزاد“ لڏي پئي، سنڌڙي توکي سڏي پئي.

# راڙ تي اٿ

حر بڻجي هيانءُ ڦاڙ تي اٿ،
چيتي جي چنگھاڙ تي اٿ،
ڪانئرَ خوف ۾ مري وڃي،
مظلومن جي راڙ تي اٿ.

اونهاري جو ڪاڙهہ تي اٿ،
مند گرم تون هاڙهہ تي اٿ،
ڏرتي توکي پڪاري ٿي پئي،
سنڌو چولي، چاڙهہ تي اٿ.

مضبوط شيشم جي پاڙ تي اٿ،
اتر، ڪاچو، لاڙ تي اٿ،
ديس جو ارڏو پٽ بڻجي،
هالار جيان پهاڙ تي اٿ.

# ڪجھ ڪچ

ڪجھ تہ ڪچ چا ٽو چاهين،
زبان آ توکي تون بي زبان ناهين.

هت ڏاڍ جبر جي ظلمت ۾،
هت رات انڌاريءَ وحشت ۾،
جيئرو رهندين ڪيئن او ساٿي،
هت انڌ نگر جي دهشت ۾،
چا تنهنجو ساهہ گھٽيو ناهين،
ڪجھ تہ ڪچ چا ٽو چاهين.

هت داد نہ آ فرياديءَ جو،
هت حڪم هلي ٿو گاديءَ جو،
هن ملڪ ۾ آ قانون ڪھڙو،
هت ڏونگ آهي آزاديءَ جو،
اٿ جاڳ چو ننڊ پيو آهين،
ڪجھ تہ ڪچ چا ٽو چاهين.

هت روز ٿا پنهنجا مارو مرن،
هت ڏينهن ڏني ٿا ڏاڙا لڳن،
امن چڙهي ويو آ سوليءَ،
هت چور لٽيرا راڄ پيا ڪن،
تون سوچ ذرا ڪٿ آهين،
ڪجھ ته ڪڇ ڇا ٿو چاهين.

هت ٻولي پنهنجي اجڙي وئي،
هت ڌرتي هٿن مان نڪري وئي،
روز ڏارين جي ٿي لوڏ اچي،
هت مت آ ڇو تنهنجي مري وئي،
ڪيئن غير ٿو پنهنجا پائين!
ڪجھ ته ڪڇ ڇا ٿو چاهين.

هت آءُ ته گڏجي سڏجي لوچيون،
هت سانگين لاءِ ڪجھ سوچيون،
هيءَ رات هميشه ڪونه هوندي،
هت صبح ٿيندو، جڳ ڏيندو واڌايون،
هاڻي وقت پري ڪو ناهين،
ڪجھ ته ڪڇ ڇا ٿو چاهين.

# تون غم نہ ڪر

اوپري ڪنهن ملڪ ۾، ولر ڇڏي جيئن پکي،
ايئن مان پنهنجي ديس ۾ ٿو رهان اجنبي،
نہ شهر پنهنجا رهيا نہ ڳوٺ سلامت رهيا،
جلي ساري جان پئي ۽ دل بہ پئي آهي دکي.

ڏيان تہ ڪنهنجي در ڏيان دانهن ڪو ٻڌي نٿو،
عدالتي اٿي ويا، انصاف ويو اڏامجي،
احتجاج ڪيئن ڪيان اڳواڻ منهنجو ڪير آ،
جنهنجي ڪڍ لڳس هتي اهو بہ ويو وڪامجي.

پنهنجو هڪ رهبر ڪيو، قوم هن گڏجي ڪري،
وڃان پيو ات هلي تہ سچ آ ڳلي ڳلي،
نہ آهي ڪو ئي واهرو، نہ منزلن جو آ پتو،
اڪيلو اڪيلو ٿي، روئان پيو رکي رکي.

اي سنڌ تون غم نہ ڪر سڄاڳي نيٺ اچڻي آ،
ڏس درد ۾ چؤطرف فضا آ اڄ پيري پئي،
”آزاد“ ڪر چپ هاڻي، تو شور آ گهڻو ڪيو،
قوم گونگي ناهہ ڏس، آ لب کولي اُٿي پئي.



# آزاد نظم

# نوجوان

اجان رات ڪاري
ڪٿي ڪين آ.....،
آهي مڏ ساغر اڳيان،
پيئان نہ پيئان،
چاڪ ٿيل گريبان،
سبان نہ سبان،
تنهنجي ڏنل گهاوَن مٿان،
رئان نہ رئان،
آنڌ مانڌ، اُڻ تُڻُ
پر ڪنهن جي ڪري
تون ڏسين ئي نٿو ۽ ٻڌين ئي نٿو
ڪيڏو دور ٿي ويو آهين
ايڏو دور نہ وڃ
منهنجي التجا مڃ، منهنجو عرض مڃ
اڳيان آهي واري ۽ رڃ
تو سوا سڃ ئي سڃ
جڻ تہ حيات،
رولي وڌو آ
سڪرات ڪي، درجي چائنٽ تي،

گھر جي اڳيان
بيھاري ڇڏيو آ
ان سمي توکي پڪاريان ٿو
سنڀاريان ٿو.
تون اڄي منھنجو ساٿ ڏي،
جيئن نہ ڪوئي مات ڏي،
ھا ھا، خدا جو قسم،
مان سچ ٿو چوان،
جي تون ۽ مان گڏ آھيون
تہ ڪڏھن بہ نہ مرڻا آھيون
ھر جنم گڏجي ورڻا آھيون،
اڄ تہ.....!
ھڪ ٻئي جو ورلاپ ٿيون
ڀٽائي جي تنبوري جو آلاپ ٿيون
ڇام نندي جي گھوڙي جي سنبن جي
ڪا تکي چاپ ۽ ٽاپ ٿيون
سرمد جي صدائن جو آواز ٿيون
ايپچند جي اکين جو آب ٿيون
ھا ھا اسين ھڪ ٻئي جي نس نس ۾
واسو ڪنداسين
ھڪ ٻئي جي ساھن ۾ رھنداسين
اوچي ڳاٽ ھلنداسين
۽ نہ جھڪنداسين

مهاراجا ڏاهر جيان
دودي وانگر وڙهنداسين
هوشوءَ جيان نعرا هڻنداسين
شاهہ عنايت جهڙي بغاوت ڪنداسين
هي تنهنجي ۽ منهنجي مٽان
غلاميءَ جي بي رحم تلوار جا
وقت جي جابرن ٽنگي آهي
تنهن کي ٽوڙي ڪنداسين مات
تنهنجي منهنجي چپن تي
هردم رهي اها ئي تات
ڄاڻ ٿي ختم
عدوءَ جي لات بد ذات
اڃان تہ ٿي نہ آهي سانت
اڃان هوائن ۾ شور آهي
اڃان فضائن ۾ گوڙ آهي
ڇو مايوس ٿيون ۽ تون مان روئون
پلا.......
قافلا جي منزل ڪان پهريان رلي ويا
وڳ بہ دڳ ڀلي ويا
مهاري واڳ ڇڏي ڀڄي ويا
۽ پيچرا ڌوڙ ۾ لتجي ويا
ذات پات جا ويڇا وڌي ويا
معصوم اڌ پنڌ ۾ مري ويا

يا ڪجھ ذهن ڪُند ٿي ويا
ڪن مٿان لالچ ۽ حوس جو ڳجهون اڏامڻ لڳيون
ڪي وري ڏوڪڙ جا ڍير ٻڌجي ويا
تہ ڇا ٿي پيو
اڄ تہ گڏجي مڙئي مٺ ٿي
ان سڄي گند کي لَٽيون
پنهنجن پيارن کي گڏيون
پريون پرت ۽ پريم جون مٺيون
تون ئي هڪڙو مرڪز آهين
تون ئي سنڌ جو محور آهين
تون ئي اڳواڻ
تون ئي سرواڻ
تون ئي مسيحا منهنجي سورن جو
۽ منهنجي پورن جو
اٿ، اٿي پئہ نہ ڪر ڪو پئہُ
ڇڏ ننڊ ندوري
اڃان رات ڪاري ڪٽي ڪين آ
توڏي ڏسي ٿي سنڌ سدوري
اٿ جاڳ جوان،
سنڌ جا ايمان،
اي نوجوان
اي نوجوان

# رات

اي رات !
اسان کي سڃاڻِ
اسان روشنين جا شهزادا
امن جا پوڄاري، آزاد فضا جا متوالا
انسانيت جا رکوالا
اسان دولهه، دودا، دراوڙي
اسان هوشو هيمون، هالار آهيون
اسان رڪ ۽ لوهه پگهاريندڙ
سڀ پيار پريت جا پوڄاري
اي رات !
اسان کي سڃاڻِ!
اسان اوندهه ۾ نه رهي سگهون
ڏاڍ نه ڪنهن جو سهي سگهون
روشن صبح سان آهي ياري
آزاد گهميا سي دنيا ساري
ڪيئن قلف ڪڙا پائي گهمون
ڪيئن سنگهر ظلم جا پائي ويهون
ڪيئن پنهنجي سر تي ڪٽون خواري
اي رات !
اسان کي سڃاڻِ!
ڪڏهن نه ٿيندي توسان ياري،
ڪڏهن نه رکبي توسان ياري.

# اسان جو اولاد

اي اتر، لاڙ ۽ ٿر جا پوٽار
توکي مبارڪ هجي
تون چونڊون کٽي وئين
اڄ توکي ملي آ سوڀ ۽ سرسي
اسانجن ضلعن جي ڏرتي
توکي آ پرتي
تون جشن ملهاءِ
هر خوشي آ تنهنجي لاءِ
توتي سرڪار راضي آ
توتي وردي راضي آ
اسانجي اهل عيال جي بہ آزي آ
اسانجو کهڙو ماضي آ
اسان تنهنجا غلام
ابن غلام آهيون
ڀڏا ڀانها آهيون

ڪير سچاڻي اسان کي
اسان ٽڪي جا ماڻهو
پاڻ اڪيلا آهيون
ڪير ٻڌي ٿو اسان جي
ڪنهن کي ٻاڌايون
مالڪ سائين بہ چپ آ
جت ڪٿ تنهنجي
جئہ جئہ ڪار آهي
جنتا بہ تنهنجي رساڪار آهي
هي سارو ديس تنهنجو آ
هي سارو تر تنهنجو آ
پر هڪڙو عرض منهنجو آ
اسان تہ شرافت جي آڙ ۾
بزدليءَ پويان پناهه ورتي آ
پر سياڻي،
ٻڌ.......،
ڪن کولي ٻڌ،
اسان جي اولاد متان اسان جهڙي نہ ٿئي،
چوجو
مان سندن اکيون
لال ٿو ڏسان.

# ساٿي

آءُ اڪيلو ۽ گهر
تو بن آ ڪنڊر
نہ روشن دان
نہ دريون ۽ نہ ڪوئي در
جنهن ۾ چٻرن آ بسيرو ڪيو
۽ چمڙا اڏامن ٿا، شام سحر
نہ چار ديواري
نہ ڪائي گهٽي
سڄي اجڙيل وستي
سڄو اجڙيل شهر
رڃ ۽ سڃ
اداس هر ڪو پهر
چؤطرف انڌيرو
ڪاري رات
اڃان نہ ٿي پرڀات
تڏهن بہ ڪنهن ڪاڻ
واجهايان پيو ويٺو
من ڪو ڏيئو ٻاري

مون کي هتان اٿاري
منهنجي اندر ليئو پائي
اڪيلائي ۽ تنهائي ۾
ڪو آڌت ڏي،
ڪو ڏَڍُ ڏي
يا ڪٽي ڪو وَڏُ وڏي
جيئن خون جي نڪري لار پئي
ترس کائي
سڏ ڏئي ۽ چئي
مان تنهنجو آهيان
تون منهنجو آهين
مان تنهنجو پنهنجو آهيان
ٻيجل جو ورلاپ ٿي
تو لئہ وري موٽيو آهيان
مان توسان گڏ آهيان
سنڌ جي هر آواز تي
۽ هر سريلي سازتي
ڪنڌ ڪوري ڏيندس
جند گهوري ڏيندس.

# انسان

هڪ شور ٿيو ،هڪ غوغاءُ
بارود جي ڌماڪي ۾
ڪنهن جو مري ويو پاءُ
بارود اهو
جنهن کي پنهنجي پرائي جي خبر نہ آ
نہ ظالم جي
نہ مظلوم جي
ظالم جي هٿ اچي ٿو
تہ مظلوم کي ماري ٿو
باغي کي ڪچلي ٿو
مظلوم جي هٿ اچي ٿو

تہ ساڳي ڪار ڪري ٿو
ظلم خلاف جبر خلاف
گندرف ڪي
بندوق جي نال ۾ پيري ٿو
باغي راهہ گهڙي ٿو
ظالم سان لڙندو رهي ٿو
پر .........
ان ويڙهہ ۾
ظالم ۽ مظلوم هٿان
هڪ نادان ئي مري ٿو
هڪ انسان ئي مري ٿو
هڪ شور ٿئي ٿو
دور دور تائين
سڀ ڪو ٻڌي ٿو
بارود جو دونهون ٿئي ٿو
هڪڙو جسم اڏامي ٿو
۽ هڪ گهر جو ڏيئو
اجهامي ٿو
ڪنهن جو ڪنول ڪوماڻي ٿو.

# نانگ

نيٺ ڪاريهر
پنهنجو وير پاڙيو
جي ڏوهي نہ هيا
تن کي سرعام ماريو
هن پنهنجي اندر جو گند
رسم، ذات ۽ مذهب جي نانوَ تي هاريو
سندس مدد جي لئہ
لنڊ يون ،کپر ۽ پيون نانگ بلائون
نڪري آيون آهن
تون دوست”آزاد“ تي نہ گهم
ٿورو خيال سان هل
منهنجو شهر قبيلائي سردارن
۽ مذهبي نانگن جي حوالي ٿي ويو آ.....!

## حيران

جيتامڙي جهرڪي،
اڏري ٿي بازن سان فضا ۾،
اڃان بہ زنده بچي آهي،
آءُ حيران آهيان.

هيئنلي هرڻي،
ڊڪي ٿي شينهن سان جهنگ ۾،
اجان بہ جي رهي آهي،
آءُ حيران آهيان.

ڀهڳڻ ڀلهڻ،
تري ٿي واڳن سان سمنڊ ۾،
اجان بہ لڪمو نہ ٿي آهي،
آءُ حيران آهيان.

بي پهچ ماڻهو،
گهمي ٿو پوتار جي شهر ۾،
اجان بہ قيامت نہ ڪري آهي
آءُ حيران آهيان.

آءُ حيران آهيان،
آءُ پليل آهيان
تہ ايئن ناهي،
بلڪل ناهي!



# نثري نظم

# سچا جذبا

منهنجا جذبا اڌورا آهن،
شاعريءَ لئہ پورا ناهن،
منهنجا جذبا نعرا آهن،
ها، مان سمجهان ٿو،
پر منهنجا جذبا
منهنجي اندرجا آهن،
هن ڏرتي لئہ آهن.
هن ڌرتيءَ مان نسريا آهن،
تنهنجن جذبن وانگر تہ ناهن!
خالي کوکو اندر پولو،
جيئن چوسيل چِپيل ڳنڍيري،
يا چڙ ڪو پاروٿو گوشت،
گندي ناليءَ جي بدبو،
تنهنجا جذبا ٿڌا، سرد،
جي نہ گرمائي سگهن،

نہ تڙپائي سگهن،نہ اٿاري سگهن،
پر منهنجا جذبا....
ٽڙيل ڪنول،
رس ڀريي ڳنڍيري،
پرهہ جا ماڪ ڦڙا،
ست رنگي انڊلٺ ريکا،
شفق جي لالاڻ جيان،
ڳوڙها، ڳاڙها، راهہ ڏسيندڙ
انقلابي نعرا آهن،
تنهنجن جذبن وانگر پيارا.....
رستي جي رڪاوٽ ناهن،
منزل جي ڪا اوٽ تہ ناهن.
منهنجا جذبا سچا آهن
سچا آهن.!

# شهيد جي آس

جيڪڏهن مان دوستو
شهيد ٿي وڃان
ديس جي ويڙهاند ۾،
مون کي يڪدم نہ پورجو
منهنجي لاش کي ڏسي
متان ڪو جوش ۾
اچي وڃي
۽.....!
ڏرتيءَ امڙ لئہ
متان ڪو اٿي پوي
متان ڪو لڙي پوي
۽ قوم پئي سجاڳ ٿي
آزاد ٿي
آزاد ٿي.

# ڏاريو

هڪ همراهه
اچي پٽڪي سان
شهر جي
ڏامر جي روڊ تي
تڪڙا تڪڙا قدم کڻي
سڏ ڪري ٿو
او ادا، او ڀائو
ٻيهه تہ اتي
ويجهو اچي پڇيائين
”ادا“
”هاءِ ڪورٽ ڪٿي آهي؟“
جواب مليس:
”میں سندھی نہیں جانتا!“

# تعصبي

اي نادان، !
اي انسان، !!
توکي خبر ناهين ؟
تنهنجي شهرن ۽ ڳوٺن ۾،
کي ماڻهو
مذهب جي سوڙهي ٽوپي پائي،
ڇڙواٽن تي وينا هن،
مُلي، پنڊت جي روپ ۾،
دين، ڌرم جي دوکي ۾،
مسلم، هندو فرق ٻڌائي،
توکان ڪوڙ جا ڪلما پڙهائي،
تنهنجي ئي هٿان،
تنهنجو ئي خون ڪرائين ٿا.

# لطيف

تون ٿو چوين،
لطيف لئہ
هو شاعر آ،
صرف شاعر.....!
توکي خبر آ،
لطيف رحہ ڇا آهي؟
منهنجي نظر ۾
لطيف سنڌ آهي
۽ سنڌ جو ٻيو نالو
لطيف آهي
ها........
ڀل وڃي
ٽئگور کان پڇ.

# صحافي

پرھ ڪان پھريون،
خاموشي،اونداھي،
اوچتو ھڪ اوپرو سڏ ٿيو
”ڪير آھي؟“
”ٻاھر نڪر“
در تي ويو
”اڙي تو پوتار خلاف بيان ڏنو آ؟“
”چپ خشڪ......“
نہ نہ، مان ڪونہ ڏنو آ.
”ڪوڙ ٿو ڳالھائين“
”اڙي ونوس“
ٺا ٺا ٺا.....!
ڏڪ لڳن ٿا.
رڙيون ٿين ٿيون!
الاڙي، گھوڙا ڙي مري ويس
ھرڪو ڏسي ٿو
ھڪ گھر اڳيان،
اڌ مئو لاش پيو آ!
سنڌي صحافيءَ جو!

# سنڌ پرست

تون ٻہ پوڄاري
مان ٻہ پوڄاري
فرق صرف هڪڙو آ،
ڪهڙو.......؟
تون ڪوڙپرست
مان سچ پرست
تون بت پرست
مان حق پرست
تون پير پرست
مان پيارپرست
تون جنگ پرست
مان امن پرست
تون بنياد پرست
مان قومپرست
تون مذهب پرست
مان انسان پرست
تون ذات پرست
مان سنڌ پرست.
تون ٻہ پوڄاري
مان ٻہ پوڄاري

# ڪافر

مان پنهنجي رهبر کي،
پيغامبر چيو تہ
چئني پاسن کان آواز آيو
تون ڪافر آن
تون فاسق آن
تون ملحد آن
ڪافر، فاسق، ملحد ڇا هي؟
مون کي خبر ناهي!
پر عربن بہ نهروءَ کي
سعودي اچڻ تي
پليڪار ڪندي
مرحبا جا بينر لڳائي
امن جو پيغمبر چيو هو
تہ هتان جي ئي هڪڙي مُلي چيو هو
”یہ کفر کا کلمہ ہے۔“

# سلام

اي اشرف دحقاني !
تنهنجي حشمت ۽ همٿ کي
تنهنجي جدوجهد ۽ جنگ کي
تنهنجي بهادري ۽ شجاعت کي
منهنجا ڪروڙين سلام
پر منهنجي هيءَ ڳالهه ٻڌ،
تنهنجي حشمت ۽ همٿ،
تنهنجي جدوجهد ۽ جنگ،
تنهنجي بهادري ۽ شجاعت،
منهنجي مارئي جي همٿ اڳيان،
منهنجي ڀاڳهل جي حشمت اڳيان،
منهنجي ماين جي بهادري اڳيان،
منهنجي بختاور جي جنگ اڳيان،
۽ غزالا جي بي خوفي اڳيان،
جهڪي جهڪي سلام ڪن ٿيون،
جهڪي جهڪي سلام ڪن ٿيون.

# ڪنڪو

منهنجي سنڌ
سهڻي، سيبتي ۽ ستابي آهي
رنگدار خوبصورت گلابي آهي
گهمڻ تون جي چاهين ڀلي تون گهمي ڏس
موهن جو دڙو
ڪاهوءَ جو دڙو
مڪليءَ جو ماڳ
چوکنڊي قبرستان

ڪوٽ ڏيجي
۽ رني ڪوٽ
يا پٿائي گهوٽ
سڀ منهنجي ڌرتيءَ جي سونهن آهن
ورونهن آهن
لکڙ ڪجهہ چاهين تہ لک پل ڪٽي
جي وئي آ توکي سنڌ وٽي
مگر منهنجي دل ۾ ٿي پيو آ هڪ ڪتڪو
هر هر اندر ۾ جو ڪاٽ هٽي ٿو.
منهنجي دل جو چئن ڪٽي ٿو

ڪٿ تون......!
گهمڻ جي بهاني، ترسي تہ نہ پوندين،
ڪٿ او ظالم
ائين تہ نہ چوندين،
”هي سڀ ڪجهہ آ منهنجو“
هتي ڇا هي تنهنجو
هتان تون هليو وڃ
هي سنڌڙي ڇڏي وڃ
هي سنڌ آهي منهنجي
هتان تون هليو وڃ......!
هتان تون لڏي وڃ......!

# اوجيجل

صديون
سال گذري ٿيا
ڪڏهن.....!
آسمان تان هڪ ٻرندڙ گولو ڪريو هو
صدين پڇاڙان هو آخر ٺريو هو
خبر ناهي ڪيئن،
پر ماتا !
ان گولي جي هڪ حصي تي
جڏهن تنهنجو جنم ٿيو
۽ تون
نيري آسمان هيٺان
دور دور تائين پکڙجي وئينءَ،
ڪراچيءَ کان مانسرور تائين
تنهنجي جهولي سرسبز ۽ آباد ٿيڻ لڳي
توکي، پٽ ٿيا ڌيئرون ٿيون،
ڪي سپوت ٿيا،
ڪي ڪپوت ٿيا
تنهنجي حسن جي هر هنڌ هاڪ هلي،
پر........ ،
پرمارن توسان حسد ڪيو.

توتي ڪاهون ٿيون
خون تنهنجون راهون ٿيون
ڪنهن نہ آهون ڀڏيون
توکي ٻچڙن سان گڏ ڪچليو ويو
تنهنجيا ڪيئي حصا
ڪٿي توکان ڌار ڪيا ويا
تنهنجي آباد دنيا کي برباد ڪيو ويو
تنهنجي اولاد کي سرعام ڪٺو ويو
۽ تون رني هئينءَ.
پاڻ پٽيو هئي،
تنهنجا سپوت اٿيا
تو لئہ رت ڏنو.
۽ توکي آزاد ڪرايو
تنهنجي خوشحالي توکي موٽي ملي
تو مسڪرايو هو
پر.......،
پر مارن توسان حسد ڪيو.

وري توتي ظلم ٿيا
توسان ناحق ٿيا!
تنهنجن ٻچن جو زبانون ڪٽي
تنهنجي عزت آبرو لُٽي وئي

اهڙا ڪيئي ڪيس
توسان ٿيندا رهيا
۽ وري تو ٻيهر پنهنجا لڙڪ هاريا
تو دانهن ڪئي
تنهنجا سپوت اٿيا
۽ تو لئہ رت وهائي
تنهنجي آجپي لاءِ
آخري دم تائين گوڏا ٻڌي وڙهيا
توتان سر ڏئي سرها ٿيا
۽ پوءِ ڇا ٿيو!
اهو ئي ٿيو جيڪو هڪ ڀيانڪ جنگ ۾ ٿيندو آ
تنهنجا پٽ ڪسجي ويا.
ڏيئرون بيواهہ ٿيون،
۽ پوءِ تون، آخري دفعو
مٽي ۾ ڏوڙ وجهي
بي تحاشا رني هئينءَ،
خاموش ٿي وئي هئين
توکي سدا لاءِ زندان جي حوالي ڪيو ويو.
او جيجل
اجان تائين مان تنهنجا لڙڪ
سڪل ٿو ڏسان،
تون روئين ڇو نہ ٿي،
مٽي ۾ ڏوڙ وجهين ڇو نہ ٿي،

او آيل ڪٺي تنهنجي اولاد
مري تہ ناهي وئي؟
نہ ......،نہ......،

اي امڙ
تون نظر ڪڻي ڏس تہ
دور
پٽ جي تپندڙ واريءَ مٿان
۽ سنڌو ڪناري سن مٿان
تنهنجا پٽ ۽ ڌيئر
آزادي جا خواب اکين ۾ کڻي
رقص ڪري رهيا آهن.

او جيجي!
او آئي!!
او منهنجي سون ورني سنڌ!!!
تون هينئر ٿڪ ڏي
تون ڪل.....
ايترو ڪل......
جو تنهنجي اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها تري اچن!
جيئن آزادي جا ديپ ٻري پون
۽ تنهنجا نيڻ ٺري پون.....!!

# خواب

هو ٿو سمجهي،
مون کو شايد خواب لڌو آ.
هڪ هڪ کي ٿو ويٺو ٻڌائي،
منهنجا سائين،
ڀليو آهي،
هن کان شايد ڀل ٿي وئي آ.
هن کي اڃان خبر نه پئي آ.
هن جي ڪائي ڪل ٿڙي آ.

ڪانياڙي ٿواپ ۾ ڦيرائي،
اڃا هو شايد ٻار آهي،
هوچيا ڏسي آزادي،
مان ٿو ڏسيان،
آزادي چاهي،
موهن ، مڪلي آزادي،
اروڙ،ٿلٽي آزادي،
ٺٽو، بکر آزادي،
سيوهڻ، سکر آزادي،
لکي، ڪرڙي آزادي،
چوڪنڊي آ آزادي،
ناٿن شاهہ آ، آزادي،
دادو، ٿوڙي آزادي،
باڪوڙي موري آزادي
رتوديرو آزادي
سن، راهوڪي آزادي،
ساري سنڌ آ آزادي،

هوچا ڏسي آزادي،
هن وٽ چا هي،
سگهٽا شعر سگهٽيون سوچون،
ڪوڪليون ڳالهيون،
ڪوڪلا نعرا،
پاڻ هي ٻنل هيسيل هيسيل،

ٻيا ٻيي سمجھيا،
هيسيل هيسيل ڊنل ڊنل،
اَڄُ تہ ڏيڪاريان توکي،

هيموءَ ۽ هوشوءَ جو چھرو
دودي، دريا خان جو چھرو
احسان ۽ رزاق جو چھرو
مالڪ ۽ امان جو چھرو
روپلي ۽ قربان جو چھرو
منوءَ ۽ امير جو چھرو
انور ۽ اشتياق جو چھرو
نورالله ۽ سميع جو چھرو
مظفر ڀٽي جو چھرو
ڪنهن جا ڪنهن جا ڏسندين چھرا،
ٻڌاءِ ڪٿي،
ڪيئن هوندي آ آزادي،
ڪيئن ٿيندي آ آزادي،
هو ڀليو آهي،
منهنجا سائين،!
شايد ننڊ ۾ ستل آهي،
بستر تي ٿو ڪرڙا ساهي،
هن ڪان شايد ڀل ٿي وئي آ.

# آزادي

منهنجن هٿ ڪراين ۾ پيل،
وقت جي بي رحم سنگهرن جون ڪڙيون،
جڏهن پاڻ ۾ ٽڪرائجن ٿيون
تڏهن ذهن تي تري ٿي اچي
تنهنجي چوڙين جي مڌر آواز جي ڌن
دل تڙپي ٿي پوي
هجر جا زخم کلن ٿا
۽ ٻه لڙڪ لڙي
ڳلن تان هيٺ ڪرن ٿا
۽ ها پوءِ
ياد "اياز" جا شعر اچن ٿا
"پوپٽ پرڙا مينهن ۾، پچي پون جيئن،
آزاديءَ ۾ تيئن، ڏک نه ڏکن وانگيان."

# اڻ ڄاڻ

اي چونڊيل..!
عوام جا نمائندا..!!
توکي اها ڄاڻ آهي ته
تنهنجا ڪرتا ڌرتا،تنهنجا آقا
تنهنجي ڌرتيءَ جي پيٽ جو سودو پيا ڪن
واڪ پيا هڻن
۽ جڏهن ڪامياب ٻولي لڳي ويندي
ته اهي ڊالرن جا ٻورا ڀري
تنهنجي پٺيءَ تي رکي ،سنڌ اڪاري ويندا
تون گڏهه جيان بار ڍوئيندو رهندين
پر ڪجهه ڪري نه سگهندين
صرف گڏهه جيان ناسون هڻندين
نه پوزي هڻندين ،نه هينگ ڪندين
ڪاش توکي خبر هجي ها ته
گڏهه جي پوزي ڪنهن کي ماري سگهي ٿي
۽ گڏهه جي هينگ
ڪنهن کي ننڊ مان اٿاري سگهي ٿي
پر مون کي يقين آهي ته
تون ائين نه ڪندين
افسوس صد افسوس
ڇو ته تون
گڏهه به نه آهين.

# ڪچي پنڊي

تنھنجي شھر ۾ قتل ڪنھن ڪرايا؟
ياءُ مون کي خبر ناهي!
چو......!
سارو ملڪ چوي ٿو
ڦلاڻي ڦلاڻي ڦلاڻي؟
ادا پل چوي...!
منھنجو چا.....!
معنيٰ لنوائين ٿو!؟
ادا تون ڏاڍو آهين
مان ڪچي پنڊي...!
تون ڪچي پنڊي آهين.. ؟
نہ ادا، تو نہ سمجھيو
شرافت ڪچي پنڊي آهي
جيڪا بزدلي جي ٽانڪن سان
جَڙيَل آهي...!!

# سنڌ

سنڌي مسلمان،
سنڌ جو جسم آهن،
تہ
سنڌي هندو،
سنڌ جا هٿ پير آهن،
جيڪڏهن،
سنڌ جا هٿ پير،
ڪٽي جدا ڪيا ويا،
تہ،
سنڌ لولي ۽ لنگڙي،
ٿي ويندي....!
ٽنڊي ۽ منڊي ٿي ويندي....!

# خوف

ڪلهہ تائين
منهنجو شهر امن جي سراءِ هو
اڄ اهو گند جو ڍير ۽ ڍونڍ بڻجي ويو آ
مون هتي جن ماڻهن کي زنده سمجهيو
اهي بہ
هن گند جي ڍير جا لاش نڪتا
سندن ماس
سردار ڳجهون
ڪمدار ڪانوَ
۽ واعظ
پٽي رهيا آهن
مان سوچيان ٿو
هن شهر ۾ رهان نہ رهان
ڊپ ٿئي ٿو
ڪٿ مان بہ لاش بڻجي
ڪنهن واعظ
يا ڪنهن ڳجهہ سردار جي
حوالي نہ ٿي وڃان....!
۽ بدبودار لاش نہ ٿي وڃان..!

# حيوانيت

انسان
جڏهن انسان کي
قتل ڪرڻ لئہ
سوچي ٿو تہ
انسانيت هن کان رسي وڃي ٿي
حيوانيت
سندس آجيان لاءِ
اڳ وڌي
پليڪار ڪري ٿي،
جئہ جئہ ڪار ڪري ٿي...!

# هڪ انچ به نه ڏبو

اسان ڪنهن ننڍڙڪي قوم جا
ننڍڙڪا فرد ناهيون
نه ڪٿ پناهه آ ورتي نه ڪو ڪليم ۾
زمين يا ڪو گهر آ گهريو

جو اسان کان اسان جي ديس جو
ٽڪرو ٽا ڦريو!
نہ اسان ڪابل نہ قنڌار کان
نہ اسان ميانوالي نہ لاهور کان
نہ اسان ڪوئيٽا نہ قلات کان
نہ اسان ڪشمير نہ سوات کان
نہ اسان فاٽا نہ گلگت کان
نہ اسا ن برما نہ بهار کان آياسين
نہ اسان يوپي، سي پي ۾ ڄاياسين
نہ اسان ڪٿان هت ترڳي آياسين
نہ اسان پنهنجو مادر وطن ڇڏيو
نہ اسان پنهنجي وطن کي لڄايو
اڙي بي ضميرو!، او بيحياؤ!!،
نہ ڪيو اسان کي تنگ اجايو
اسان هن ڌرتي جا پٽ آهيون
هن ڌرتي جا مٽ آهيون
اسان وڙهندي مري ويندا سين
پر پنهنجي مورڙي جي ڪلاچيءَ جو
هڪ ٽڪرو تہ ڇا پر
هڪ انچ بہ نہ ڏيندا سين.
سنڌامڙ کي بہ ٽڪر ڪرڻ نہ ڏيندا سين...!
نہ ڏيندا سين......!

# ملان

اي منهنجا دوست!
تون هي
سمجهي ڇڏ تہ............،
”دنيا جي هر مذهب جو مُلو
نسل پرست
عورت دشمن
سائنس مخالف
قوم مخالف
عدم روادار
وحدت انسانيت جو انڪاري
۽
بنياد پرست
ٿيندو آهي.“

## شهيد وطن

هو ڏس ظلم سان
منهن مقابل ٿي وڙهيو آهي
موت ،محبوبا جيان مرڪي ڪيس مليو آ
دار آجيان ڪندي خوشي مان تڙي پيو آ
گلابن جي پنکڙين ۾
مستي ڀرجي وئي
۽ ڪلي ڪلي جوش مان کلي پئي
چمن ۾ مينديءَ جي سڳنڌ جهڙي،
رت جي خوشبو ڦهلجي وئي
وطن جي ڳلي ڳلي
واسجي وئي
دل دشمن جي مرجهائجي وئي
نراسائي سندس منهن تي

چانئجي وئي.
ديس مرحبا ڪندي چيو
اي شهيد وطن ....!
تون سرخرو ٿي وئين
تون ديس سان توڙ نڀائي وئين
ڌرتي سان ساٿ نڀائي وئين
تون پنهنجو قرض لاهي وئين.....،
سلام سلام اي شهيد وطن!!
توکي سلام!!!

# هوشيار

اي دوست !
منهنجي اها صلاح اٿي
تہ.......!
ارباب اختيار پوتار....،
۽ ڪتي ڪان.!
لڙي لنگهجانءِ
۽ سدائين ڪين
اک ۾ رکجانءِ
اهي ٿئي چتا ٿين تہ
ڏاڙهي سگهن ٿا
۽ ماڻهوءَ کي اُڦٽ
ماري سگهن

# چيچڪا

اي سنڌ !
اڄ مان
فڪر جيئنئم جا چيچڪا
هنڌ هنڌ
ڇٽيل ٿو ڏسان
اميد ڇا
پڪ اٿم ته
اڄ نہ سڀان توکي
آزادي جو......
بمپر فصل...!
ملندو.

# انتظار

اي سنڌ
تون ماسيڪانُ
ڪان وٺي،
شهيد مظفر ڀٽي تائين
هر روز
پنهنجن پرين پيارن ڪونڌرن
۽ سرويچن جا لاش ٿي ڍوئين
گهرن ۾ تڏا ٿي وجهين
روز ماتم برپا ٿي ڪرين
روز اشڪ باري ٿي ڪرين
شهيدن مٿان گلن جي ورڪا ٿي ڪرين...!

اي سنڌ !
تون پنهنجي دشمنن جي گهرن ۾
تڏا ڪڏهن وجهندينءَ...؟
ن ماتم برپا ڪندينءَ....؟؟
هن انصاف ڪندينءَ...؟؟
ڪڏهن انصاف ڪندينءَ...؟؟

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي.
سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

